
موکلاٹي

[ناول]



استیفن زویگ

اصغر گگو

موکلاٹي

[ناول]

استیفن زویگ

اصغر گُگو

سچائي اشاعت گھر- دڑو

استاڪسٽ

- پٽائي بڪ هائوس گاڏي ڪاتو حيدرآباد
- ڪويتا ڪتاب گھر، ربي سينٽر گاڏي ڪاتو حيدرآباد
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد
- قليچ ڪتاب گھر لئنگويئج اٿارٽي حيدرآباد
- رومي ڪِتاب گھر ايگريڪلچر ڪامپليڪس حيدرآباد
- دانيال ڪِتاب گھر ويجھو پکوڑا چوڪ قاسم آباد
- سنڌيڪا بڪ شاپ سکر
- شاھ لطيف ڪتاب گھر گاڏي ڪاتو حيدرآباد
- سچ ڪتاب گھر - ڊورو نارو
- غلام محمد جوھر ڪتاب گھر - ميرپور بٹورو
- مناھل ڪتاب گھر - ماتلي

سچائي اشاعت گھر جو ڪتاب نمبر 164 هون

ڪتاب جو نالو	:	موڪلاڻي
موضوع	:	ناول
ليکڪ	:	اسٽيفن زويگ
مترجم	:	اصغر ڳگو
چاپو پھريون	:	نومبر 2023ع
ٽائٽل ڊزائين	:	مور ساگر
لي آئوٽ	:	نعمان جوٽيجو ۽ اشرف سولنگي
ڇپائيندڙ	:	سچائي اشاعت گھر ڊڙو- حيدرآباد
ڇپيندڙ	:	ساحل پرنٽر رابعہ اسڪوائر حيدرآباد 03332634650

قيمت :- 250/ روپيہ

MOKLAANI (NOVAL) By: Stefen Zavegue Translat in Sindhi. Asghar Gugo
Published by: Sachai Ishait Ghar, DARRO, Sindh
Edition, November 2023. Cell: 0301-3640468, 0331-2997336
Email: myusifmemon@gmail.com

يوسف سنڌيءَ

جي نالي

جنهن جي حوالي ڪانسواءِ

سنڌي ادب جي تاريخ

مڪمل نه ليکبي.

اصغر ڪُڳو

[پبلشر پاران]

ترجمي جو تخليقي حُسن

ڪو مترجم، جيڪو پاڻ ۾ سُٹو تخليقڪار هوندو آهي، اهو جڏهن ڪنهن لکٹيءَ کي ترجمي جو ويس پارائي پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻڻ لاءِ قلم کڻي ٿو تہ اُن جو مطلب اهو ۽ ٿيو تہ اُن لکٹيءَ سنڌس دل جي تارن کي ڇُهيو هوندو آهي ۽ ٻوءِ ئي سنڌس مَن ۾ اها خواهش اُپرندي آهي تہ اها لکٹي سنڌس ٻوليءَ جا پڙهندڙ ۽ پڙهن.

اسٹيفن زويگ جي هن ناولٹ جي سنڌي ترجمي جي پويان محترم اصغر ڪُگو جو ۽ اهوئي جذبو نظر ٿو اچي.

اسٹيفن زويگ جو هي ناولٹ، جيئن پڙهڻ شروع ڪجي، ٿو تہ ان جي سحر ۾ جکڙجي ويجي ٿو ۽ تيسين اُن مان هٹ نٹو ڪيجي، جيسين پڙهي پورو نٹو ڪجي. اهو هن ناولٹ جي ليکڪ اسٹيفن زويگ جي لکٹيءَ جو ڪمال تہ آهي، پر اصغر جي ڪيل ترجمي جي خوبصورتيءَ ان جي اهميت کي ايڏو وڌائي ڇڏيو آهي.

اسٹيفن زويگ جو جنم 28 نومبر 1881ع ۾ هاٹوڪي آسٹريا ملڪ جي گاڏيءَ جي هنڌ ويانا جي هڪ امير واپاريءَ جي گهر ۾ ٿيو. آسٹريا اُن وقت پرشيا جو حصو هو. آسٹريا هڪ ڏار ملڪ جي

حيثيت پهرين مهاياري جنگ ۾ جرمنيءَ جي شڪست ڪانپوءِ ورتي. خوشحال ۽ آسودي ڪٽنب سان لاڳاپيل هئڻ سبب استيفن کي پنهنجي مائٽن پاران ڪا جهل پل نه هئي ۽ هو آسودي ۽ لاأُبالي زندگي گذارينڊو هو. پر پهرين جنگ عظيم ۾ جرمنيءَ جي شڪست ۽ 'ورسائي معاهدي' جي ذلت پرين شرطن جو استيفن زويگ جي زندگيءَ تي به گهرو اثر پيو. هن دنيا کي جنگين ۽ جهيڙن کان آجو ۽ خوشحال شڪل ۾ ڏسڻ پي گهريو. سندس خيال هو ته مهاياري جنگ ۾ ٽيل تباهه ڪارين مان سبق پرائي يورپ جي نئين سر اڏاوت ٽيڻ گهرجي. هو دانشورن جي اُن هلچل جو حصو هو. جيڪو 'هڪ يورپ' جو حامي هو. اُن تحريڪ جو مقصد اهو هو ته سفري دستاويزن، سرحدي حد بندين وغيره جو خاتمو ڪيو وڃي. اُن وقت اهو تصور به عام هو ته روس ۽ برطانيا اُن 'هڪ يورپ' ۾ شامل نٿا رهي سگهن. اڳتي هلي ان تصور جڏهن 'يورپي يونين' جي شڪل اختيار ڪئي ته روس سري کان ئي اُن ۾ شامل نه ٿيو. پر برطانيا پهرين اُن ۾ شامل هو پوءِ هڪ ريفرينڊم جي نتيجي ۾ يورپي يونين کان ڌار ٽيڻ جو فيصلو ڪيائين.

پهرين مهاياري جنگ جي دوران استيفن زويگ سوئٽزرلينڊ ۾ رهيل هو.

استيفن زويگ به شاديون ڪيون. پهرين شادي هن 1919ع ۾ ٻن ڏيئرن جي ماءُ 'فريڊريڪا ماريا' سان ڪئي، جيڪا پاڻ به ڪيترن ئي ڪتابن جي ليکڪا هئي. پر اِها شادي ڪو گهڻو عرصو جٽاءَ ڪري نه سگهي ۽ 1930ع ۾ ٻنهي ۾ طلاق ٿي ويئي. 1934ع ۾ استيفن زويگ پنهنجي لاءِ هڪ سيڪريٽري رکي، جنهن سان پوءِ اهڙي ته هم آهنگي

ٽيس. جو ساٽس شادي ڪري ورتائين. سندس اها زال 'شارلوٽ زويگ' پڻ ڏيءَ تائين ساٽس گڏ رهي ۽ ساٽس گڏ ئي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻڻ جو فيصلو ڪيائين.

پهرين مهاڀاري جنگ ۾ شڪست کانپوءِ فاتحن پاران جرمنيءَ تي ذلت پريل شرطن ڪي زوري لاڳو ڪرڻ جي نتيجي ۾ جرمن قوم ۾ جنهن قومي غيرت جو احساس جاڳيو اهو اڳتي هلي هٽلر جي عروج ۽ پوءِ ٻي مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيو ۽ ان اُڀار ۾ نازين جي ڪاميابيءَ هٽلر ڪي اقتدار جي ڪرسيءَ تي آڻي ويهاريو جيتوڻيڪ استيفن زويگ کي نازين جي پاليسين سان اختلاف هو پر هن اهو سوچي سندن مخالفت کان پاسو ڪيو تہ ايئن ڪرڻ سان سندن اشتعال انگيز سرگرمين ۾ واڌارو ٿيندو. پوءِ جڏهن 1933ع ۾ جرمن پارليامينٽ "ريشتاگ" کي باهہ ڏيڻ جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ نازي پاڻ ئي ملوث هئا پر هُنن اُن واقعي جي آڙ ۾ پنهنجي مخالفن خاص ڪري ڪميونسٽن جي خلاف رڙ هاري ڏنو ۽ 'ٽامس مان' جهڙي ليکڪ جي ڪتابن کي ساڙڻ ۽ پابندين مٿس گهرا اثر ڇڏيا. ترت ئي ٻي مهاڀاري جنگ شروع ٿي ويئي. جنهن دنيا کي هڪ ڀيرو ٻيهر تباهي ۽ بربادي جي ڪُن ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو تہ ڪيس وڏيڪ مايوسي ٿي. هن تہ هڪ خوشحال ۽ امن پري دنيا ڏسڻ ٿي گهري. وري جو نازي يلغار اڳيان ست نہ سهي. فرانس جي هٿيار ڦٽا ڪيا تہ ڪيس سخت صدمون رسيو. اهو سڀ ڪجهہ سندس سوچن ۽ آدرشن جي ابتڙ هو. جرمنيءَ ۾ هٽلر پاران قائم ڪيل اذيتي ڪئمپن ۽ انساني زندگيءَ جي بي ملهہ ٽيڻ ڪيس صفا يڪي پور ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي 60 هين سالگرا جي موقعي تي هن پنهنجي هڪ دوست کي چيو "هو جنهن

دنيا سان محبت ڪندو هو. اِها هاڻ اسان جي پڇ ڪان گهٽو پري ٿي ويئي آهي. اسين ڪهڙي به زبان ڳالهايو اها ڪنهن کي به سمجهه نه ايندي. اسان دنيا ۾ ٻي گهر ٿي رهنداسين ۽ جڏهن انسان رڳو پاڇولو بنجي ويچي ته پوءِ جيئري رهڻ مان ڪهڙو فائدو. اسين يا ته پاڇولا آهيون يا وري يادون....."

جرمنيءَ ۾ نازين جي آمريتي هٿڪنڊن ڪانپوءِ صورتحال اهڙي بيٺي جو 'اسٽيفن زويگ' جو اُتي رهڻ ناممڪن بنجي پيو ۽ هو برازيل هليو آيو. پر اُتي به جنگ جون تباهه ڪاريون ۽ انسانيت جون تڪليفون ڪيس اذيت ڏينديون رهيون. حالتن کان مايوس ٿي 22 فيبروري 1942ع ۾ برازيل جي شهر 'پيٽروپولس' ۾ پنهنجي زال' شارلوٽ زويگ' سميت پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيائين.

اسٽيفن زويگ جو هن کان اڳ سنڌي ۾ هڪ ڪتاب The Right of Herecy جو "فڪر جي آزادي" جي نالي سان ترجمو ٿيل آهي. جيڪو محترم محمد ابراهيم جويي ڪيو آهي. اهو پهريون ڀيرو سنڌيءَ ۾ 1977ع ۾ ڇپيو. هي اهو دور هو جڏهن ملڪ مٿان ضياالحقي مارشلا جي ڪاري دور جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ مذهب جي آڙ ۾ ماڻهن جي پٺن تي ڪوڙن جا سَٽڪا ۽ ڳچين ۾ قاهين جا ڦندا پئجي رهيا هئا. ۽ هر قسم جي آزاديءَ تي سختيءَ سان پابنديون لاڳيون ڪيون ويون هيون ۽ هڪ اهڙي شريعت لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي ويئي. جهڙي 'فڪر جي آزادي' ۾ 'جيهان ڪال ون' جنيوا ۾ لاڳو ڪئي هئي. 'فڪر جي آزادي' هڪ اهڙو ڪتاب آهي. جيڪو پڙهڻ سان هر قسم جي جبر ۽ آمريت جي خلاف جذبن ۾ جولان اچي ٿو. 'فڪر جي

آزادي' جي مهاڳ ۾ محترم محمد ابراهيم جويو لکي ٿو. "هي ڪتاب سورهين صدي جي زماني ۾ مسيح دين کي درپيش مسئلي (ڪئٿولڪ بمقابل پروٽسٽنٽ) متعلق هڪ ڏرمي ۽ تشدد جي واقعن جي هڪ دلدوز سلسلي سان ڳنڍيل هن بي خوف ۽ باضمير مردان حق ۽ عظيم جانيون قربانيون ڪندڙ 'مائيڪل سرويٽس' ۽ 'سيباسٽيان ڪاسٽيلو' جي عظيم ۽ انتهائي قرباني جو قصو آهي. جيڪو نهايت باجهاري دل ڇاڪاڻندڙ ۽ حڪيمانه انداز سان پيش ٿيل آهي."

اسٽيفن زويگ جي ڪتابن جو تعارف ڪرائيندي سائين محمد ابراهيم جويو "فڪر جي آزادي" جي مُهاڳ ۾ وڌيڪ لکي ٿو:

"انهن ۾ 448 صفحن جو هڪ جلد لائق مصنف جي آپ بيتي World of yestar day نالي سان پڌ آهي، جيڪو مون سڄو پڙهيو آهي. سچ پچ ته انسانذات کڙڪا نه عجيب ۽ عظيم ماڻهو ٿي پيدا ڪري ۽ هو زندگيءَ ۾ چاڇا نه ٿا سهن... انهيءَ ئي آپ بيتيءَ جي آخر ۾ ناشر جو آخري نوٽ پڙهيم ته اسٽيفن زويگ ۽ سندس زال 'ايلزبيٽ شارلوٽ زويگ' پنهي گڏجي صلاح ڪري، پنهنجي وطن کان بيوطن، برازيل ملڪ جي 'پيٽروپولس' شهر ۾ فيبروري 22، 1942ع ۾ پنهنجي هٿن سان پنهنجو انت آندو. تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيم. ۽ روئي ويٺس، ۽ ڪي ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ پاڻ کي بند ڪري ويهي رهيس، ۽ ايئن سمجهيم جڏ پنهنجو ڪو عمر جو اَمل يار وڇڙي ويو هو ڏاڍي ڪنهن ترتيب ۽ اٽڪل سان دل کي پرپائي وري پاڻ پروٽي، اٽاسي مَن کي دنيا جي ڪمن ڪارين سان رلائي ۽ رهنت ڪري سگهيس".

محترم اصغر گُگو جو 'اسٽيفن زويگ' جو ترجمو ڪيل هي ناولٽ "موڪلاڻي" به من کي ڇُهندڙ ۽ دل ڇاڪاڻندڙ آهي. جڏهن پڙهي

پورو ڪجي ٿو تہ اکين ۾ لڙڪ پرجيو اچن. اصغر جنهن سُهڻي، سليس ۽ سَرل نموني "موڪلاڻيءَ" جو ترجمو ڪيو آهي، اهو پڙهي ڪٽي ۽ ايئن نٿو محسوس ٿئي تہ اهو ڪو ترجمو ڪيل آهي، جڏ، استيفن زويگ، اهو سنڌيءَ ۾ ويهي لکيو آهي. اها اصغر ڳگوجي بهترين چونڊ ۽ تخليقي/ ترجمي جي ذات جي ڪاميابي آهي. جيئي سنڌ.

يوسف سنڌي

20 جولاءِ 2021ع حيدرآباد

محبت جو موت 'موڪلاڻي'

پيار، پيڙا، ميلاپ، وڇوڙا اِنهن موضوعن تي لِکيل ناول انتهائي وڻندڙ ۽ دِلچسپيءَ جو باعث هوندا آهن، ۽ انهن موضوعن تي لکيل ناول جڏهن ماڻهو پڙهڻ شروع ڪري ٿو تہ جيستائين مڪمل نٿو ڪري، ناول ڇڏڻ تي دِل نہ چوندي آهي. اهڙن ناول پڙهڻ جي بہ هِڪ عمر جو خاص حِصو هوندو آهي، يعني الهڙ جوانيءَ وارو حِصو جڏهن ماڻهو خود اُنهن رستن جو راهي هوندو آهي، پيار جي پٽن جو پانڌيئڙو هوندو آهي، وِڪ وِڇوڙا واچوڻن جيان وجود کي ويڑهيل رهندا آهن. اهڙا ئي ڏينهن اوٽيهہ سئو آٺانوَي جا هئا، جڏهن اخباري هاڪر جي هٿ ۾ اخبارن سان گڏ هِڪڙو ناول ڏِٺم، 'گُناهن پريو ديوتا'، نالو پڙهي ٿورو حيراني ٿي تہ ديوتا بہ آهي ۽ گُناهن پريو بہ!!!

فرشتو ٿين تہ ٿي ٿو سگهين،
انسان ٿين تہ شرط آ پهريان خطا ڪپي

(ا، ب)

پارتي ليکڪ 'ڏرم ويرِ پارتي' جو لِکيل ناول 'گُناهن پريو ديوتا' جو ترجمو ظفر عباسي ڪيو آهي. اهو ناول ورتم. جڏهن ناول پڙهيم تہ سڀ ڪم ڪار وِسري ويم. اهڙو تہ ناول جو نشو چڙهيو جو هڪ ئي ساهي ۾ پڙهي پورو ڪرڻ کانسواءِ ناول مان هٿ نہ ڪڍيم. اِهو پهريون ناول ئي هو. جنهن کي ڪجهہ ڏينهن جي وقفي کانپوءِ وري ٻيهر پڙهي پورو ڪيم. ٿِن ناول ۾ چندر ءِ گيتا سميت پنج ڪِردار آهن. جن جي وِچ ۾ محبت جون مؤجون موجود آهن. قرباني ءَ جي لازوال ڪهاڻي آهي. پر اسان جي پياري دوست ءِ نوجوان ليکڪ اصغر گُگو جنهن جي سُڄاڻپ تہ بهترين ڪهاڻيڪار طور آهي. پر سندس هي ترجمو ڪيل ناول 'موڪلاڻي' جڏهن پڙهيم تہ مونکي اصغر گُگو جون ترجمي واريون صلاحيتون بہ ايترو ئي پرپور نظر آيون. جيترو هو ڪهاڻيون لِکڻ وقت استعمال ڪندو آهي ءِ ڪهاڻين سان نياءُ بہ ڪندو آهي. بِلڪل هِن ناول سان بہ پورو پورو نياءُ ڪيو اٿس. اسان اصل هولي ۾ تہ هي ناول ناهي پڙهيو پر هن اسانکي اسانجي مِٺڙي سنڌي هوليءَ ۾ ايئن ئي پڙهايو آهي. جڙ هي ناول لِکيو ئي سنڌي زبان ۾ ويو هُجي. ڪامياب ترجمو چئبو بہ ان کي آهي تہ اهو ترجمو ڪندڙ ترجمو ڪري تہ پڙهندڙ انهيءَ کي ترجمو نہ سمجهي. پر اِهو سمجهي تہ هي ڪهاڻي لکي ئي انهيءَ هوليءَ ۾ ويٺي آهي. جنهن ۾ هو پڙهي رهيو آهي.

انتها تي پهتل هِڪ طرفي محبت 'موڪلاڻي'. جنهن ناول تي مونکي مهاڳ لِکڻ لاءِ چيو ويو جڏهن پڙهڻ شروع ڪيم تہ هِڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهي پورو ڪيم. توڙي جو هِن ناول ۾ صرف بہ ڪِردار آهن جن جي وِچ ۾ اهڙي تہ هِڪ طرفي محبت پروان چڙهي ٿي. جنهن محبت تي ماڻهو رڳو ٿڏا ساهہ ئي ڀري سگهي ٿو رڳو حيران ٿي سگهي

ٿو حِساس دِل روئي ٻہ سگھي ٿو. اڪيلو ويٺل آهي تہ اوچنگارون ٻہ ڏئي سگھي ٿو. گھٽ ۾ گھٽ منهنجي حالت پڙھڻ دوران اھڙي ئي ٿي وئي هئي. هِتي مونکي منهنجي مرحوم دوست نور محمد سومري جو هي شعر ٻيو ياد اچي.

زندگي گُذري رهي آ
ريل وانگي سر مٽان
خط ۾ توکي لکان ٿو
خط ۾ توکي پڙهان ٿو
ٻيو سيوئي خير آهي.

هونئن تہ هي پنج سِٽن جو لِکيل هِڪڙو ننڍڙو نثري نظم چئي سگھجي ٿو پر مون جڏهن هي شعر ٻهريون ٻيرو پڙهيو تہ مونکي هِن شعر جي پس منظر ۾ پنج سئو صفحن جو هِڪڙو طويل ناول نظر آيو هو.

'موڪلاڻي' ٻہ هِڪڙي طويل خط تي مشتمل هِڪ اهڙو ناول آهي جنهن ۾ هِڪ طرفي معصوم محبت جي درياهہ ۾ درد چوليون هڻندي نظر اچي ٿو. جنهن خط جا ٻهريان جملا هي آهن.

"اوهان، لاءِ! جنهن مون کي ڪڏهن ٻہ نہ سُجاتو!" هو پريشان ٿي ويو... سوچڻ ويهي رهيو تہ، ڪنهن جو خط ٿي سگھي ٿو؟ مون کي لِکيو ويو آهي يا ڪنهن فرضي هستيءَ کي!؟ خط کيس دِلچسپ لڳو ۽ هِن سڄو خط پڙهڻ شروع ڪيو.

هِن خط پڙهڻ کانپوءِ اُن انسان جي، جيکو هِڪ ليکڪ ٻہ آهي، ٻا حالت ٿي هوندي، اِهو سمجهڻ لاءِ اوهان کي 'موڪلاڻي' ضرور پڙهڻو پوندو.

اوهين منهنجي لفظن کان ڊِڄو نہ. هِڪ مُئل عورت
ڪجهہ بہ نہ گُهرندي آهي. نہ محبت، نہ تسلي ۽ نہ وري
رحم. منهنجي هِڪ اِلتجا آهي تہ اوهين منهنجي هِن
خط جي هر هِڪ لفظ کي سچو سمجهو. اهو انڪشاف
درد سان پريل دِل سان ڪري رهي آهيان. منهنجي
لفظن جو يقين ڪريو. هاڻي آءٌ ڪجهہ بہ نٿي چاهيان.
مون کي ڪجهہ بہ نہ گُهرجي... هڪ ڏُکاري ماءُ پنهنجي
اڪيلي ٻار جي جنازي تي ويهي ڪڍهن بہ ڪوڙ نٿي
لکي سگهي.

انهيءَ مٽين مري ويل محبت جي آخري سين سان شروع ٿيل هِن هِڪ طرفي محبت 'موڪلاڻي' ۾ اوهان کي هِڪ اهڙي معصوم محبت سمجهڻ لاءِ نظر ايندي، جنهن محبت تان ماڻهو پاڻ قربان ڪري ڇڏي جيئن هِن ..... ڇوڪريءَ پاڻ قربان ڪري ڇڏيو. پر اظهار نہ ڪري سگهي.

اوهين منهنجي جوڙيل تصور کان بنهہ مختلف هئا.
هلکي پوري رنگ جي سوٽ ۾ ملبوس، جوان ڇوڪرن
جيان هِڪ وک ۾ ٻہ ٻہ ڏاڪا چڙهي رهيا هئا. اوهان جي
هٿ ۾ هيٽ هئي. اوهان جو خوبصورت چهرو ڏِسي
منهنجي خوشيءَ جي ڪا انتها نہ رهي هئي. سچ پچ تہ،
اوهين اُنهن ماڻهن مان آهيو جن تي زماني جي گردش
جو ڪو بہ اثر نٿو ٿيندو.

سچي ۽ معصوم محبت جي اها نشاني آهي تہ اُن جو محبوب ڪيترو بہ گُنهگار ۽ عيب دار ڇو نہ هُجي، پر پنهنجي عاشق کي بي عيب لڳندو

آهي، ڪيترو به شڪل صورت ۾ گهٽ هُجي، پر هِن لاءِ ڪُل ڪائنات کان حسين هوندو آهي. اِهو انسان کي قدرت طرفان مِليل هِڪڙو خوبصورت احساس آهي، بلڪِ هِن معصوم عاشق چوڪريءَ جو محبوب جيڪو ليڪ به هو تنهن ڪري هِن وٽ ڪيئي حسينائون هَڙ ۾ هُنيون، پر هِن کي هو پاڪ پويتر پي لڳو تنهن ڪري هُن سان هِن پوڄڙ جهڙي محبت ڪري ورتي هُئي. ۽ هيءَ ننڍي عمر ۾ به پاڻ کي بالغ عورت سمجهڻ لڳي هُئي. هيٺ ڏنل پيرا ۾ پاڻ اهڙو اظهار ڪري رهي آهي.

ايئن به نه هو ته اهو سڀ ڪجهه جاڻي واڻي ڪندا هئا. نه ئي سينيي عورتن تي قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو بلڪ مخالف صنف لاءِ اوهان جا جذبا، اوهان جي نظرن مان سمجهي وٺبا هئا، تيرنهن سالن جي عمر ۾ اهڙا خيال ناهن ايندا، پر مونکي ايئن لڳندو هو آءُ باهه جي شعلن تي هلي رهي هيس. مون کي يقين ٿي ويو هو ته اها عنايت رڳو ۽ رڳو مون لاءِ هئي... اُن هِڪ لمحي، مون نابالغ چوڪريءَ ۾ هِڪ عورت جاڳائي وِڌي هئي. اِها عورت جيڪا هميشه هميشه اوهان جي هئي. فقط اوهانجي...

طارق عالم ابڙي جي قلم مان سرجيل ناول 'رهجي ويل منظر' يقينن سيني پڙهيو هوندو. جنهن ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي:

"اسان جي وڏي ٽريجڈي اِها آهي ته اسان 'اينالائسس' ڪرڻ جي سگهه رکون ٿا، ۽ جڏهن شعور جي هٽ سان ڪائنات جي حقيقتن تان پرو کڄندو آهي، ته ماڻهو اڪيلو ٿي ويندو آهي، مون آخر ۾ چيو هو".

"۽ لڙهندڙ ماڻهو ٻُڏي ويندو آهي".

يا آغا سليم جي 'همہ اوست' ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي:

"گوپيءَ گيتا تان اکيون کٽي هِن ڏانهن نِهاريو گوپيءَ جي اکين ۾ ڪيڏو نہ غم ۽ ڪيڏيون نہ حسرتون هيون. گوپي تون ئي سام ويد آهين، ويدن ۾ آيل 'اکر اوم' آهين، سنسار جي ابتدا، وِچ ۽ انتها آهين، تون ئي 'اننگ رنگ ساگرم' آهين.

محبت جي ڪارڻ ئي هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي آهي، محبت جي انسان جي اندر مان نِڪري وڃي تہ پوءِ شايد انسان انسان ئي نہ رهي، محبتن جا ڪيئي رنگ، مُندون ۽ خوشبوئون ٿيندڙيون آهن، پر هِڪ طرفي محبت تہ پنهنجي وجود ۾ وڏي اذيت سمائي رکي ٿي، جيڪا اذيت، جيڪا پيڙا هر ڪنهن جي وس ۾ ناهي هوندي برداشت ڪرڻ.

هِن ناول 'موڪلاڻي' ۾ بہ اهڙي ئي محبت ڏيکاريل، سمجهايل آهي، جنهن ۾ صرف انتظار، پيڙا، درد ۽ اڪيلائيءَ جا بسيرا آهن، جي هوءَ چوڪري پنهنجي محبوب سان مِلي بہ ٿي تہ بہ اجنبين جيان، چوتہ محبت هِڪ طرفي آهي، محبت هميشہ اظهار کانپوءِ ئي وڌندي ويجهندي آهي، جنهن محبت ۾ اظهار ئي نہ ڪيل هُجي تہ اُها محبت بي جان پٽ جيان هڪ هنڌ بيٺل هوندي آهي ۽ رڳو ئي ٻين جا راز پنهنجي اندر سمائي رکندي آهي، ۽ پنهنجي وجود ۾ هميشہ اڪيلي ۽ تنها رهندي آهي، پوڳيندي آهي. جنهن پوڳنا، تنهائي ۽ پيڙا جا پيرا اوهان کي هِن ناول ۾ هر هنڌ ڇِٽا نظر ايندا. جنهن کي اوهان معصوم محبت چئو يا بي لوث محبت، ڪهڙا بہ لفظن جا ويس پهرايو پر اهڙي محبت اندر ۾ صفا اڪيلي ۽ پورا پورا هوندي آهي. اهڙي محبت پالڻ وارا پنهنجي اندر ۾ وشال سمنڊ جي بي چيني پري هلندا آهن.

اهڙي غلامانہ محبت... ڪُتي جي وفاداريءَ جهڙي محبت... ايتري اُنسيت ڪنهن کي بہ نہ هوندي جيتري مون کي هُئي، ۽ اڄا بہ آهي... اِها بہ حقيقت آهي تہ هِڪڙي ٻارڙيءَ جي غير محسوس محبت جو مقابلو ڪو بہ نہ ٿو ڪري سگهي. اهڙي پُرجوش محبت جو مقابلو ڪنهن بالغ عورت جي محبت نٿي ڪري سگهي. بالغ عورت جي محبت ۾ جسماني لذت جي طلب لکل هُجي ٿي. پر هِڪ ٻارڙيءَ جي محبت ۾ سواءِ بي لوث جذبن جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي.

محبتن جي جهان ۾ جيئندڙ ماڻهو وڏا ٻاڳوَند هوندا آهن، ۽ اُنهن ٻاڳوَندن ۾ بہ اڄا وڌيڪ ٻاڳونَد اُهي هوندا آهن، جن سان محبت ڪئي وڃي، جِن کي چاهيو وڃي. بِلڪل ايئن جيئن هن ناول 'موڪلاڻي' ۾ 'رحيق' آهي. جنهن کي معصوم ڇوڪري معصوم محبت سان چاهي ٿي.

آءٌ اڄ بہ اُنهن ساعتن لاءِ پشيمان نہ آهيان، جيڪي مون اُن لکيل دڪيءَ تي ويهي اوهان جي راهہ تڪيندي گذاريون هيون. ڪمرو برف جيان ٺڏو هوندو هو ۽ آءٌ اُنهن ساعتن ۾ هٿن ۾ ڪِتاب جهليو ويٺي هوندي هُيس. ڪيترا پل، ڏينهن، مهينا ۽ سال ستار جي تارن جيان تاٽيل ۽ پُرجوش ويٺي هوندي هيس.

جڏهن محبت ۾ صورتحال اِها وڃي بيهي تہ نہ ڪائڙ جو ڪُٽڪو نہ پياس پيئڙ جي، نہ سمهڙ جو اُلڪو بس تون ئي تون جي تات تاٽيل رهي تہ پوءِ ماڻهو بلڪل ساڪن شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي ۽ اِها ساڪن

شڪل عشق جو اُهڃاڻ هوندي آهي. جيئن پٽ جو لطيف چوي ٿو:

جِتي اوهان ڇڏيون، اُتي ئي آهن،
اکيون عبداللطيف چئي ماڳ نہ مٽائن،
جي ٻي در واجهائن، تہ ڪيڙي ڪانگن کي ڏيان.

جڏهن هيءَ ٻئرا پڙهيم تہ مونکي ساجن فِلم ۾ اُها ڪتاب گهر جي مالڪياڻي پوجا (ماڌوري) جي معصوم محبت ياد اچي وئي، جيڪا شاعر امر (سنجي دت) عرف 'ساغر' سان پيار ڪندي آهي، جيڪو مارڪيٽ ۾ نئون ڪِتاب ايندو آهي، هي نہ صرف پنهنجي ڪتاب گهر تي رکندي آهي، پر اُن ڪِتاب کي پڙهندي آهي، نہ صرف پڙهندي آهي، پر ساغر جي شاعري ياد بہ ڪندي آهي، ۽ ساغر کي محبت جي اظهار وارا خط بہ لکندي آهي، هوڏانهن ساغر (سنجي دت) هڪ تنگ کان معذور هئڻ سبب پنهنجي انهيءَ نالي ساغر کي راز ۾ ئي رکندو آهي، هو پاڻ کي پوجا (ماڌوري) جي لائق نہ سمجهندو آهي، تنهن ڪري امر ئي رهندو آهي، ۽ هي ڪيس چوندو آهي، هڪ ڏينهن توسان تنهنجو ساغر ضرور ملائيندس، خير اِها فلم مون الائي ڪيترا ڀيرا ڏِٺي آهي، يقينن اوهان بہ ڏِٺي هوندي، مونکي هن ناول موڪلاڻي جي مکيہ ڪِردار رحيق سان پوجا جي هڪجهڙائي پي محسوس ٿي تنهن ڪري اوهان سان وندير (هي فلم 1991ع ۾ آئي هئي، جڏهن آئون ستين ڪلاس جو شاگرد هئس)

مون اوهان جا سڀ ڪِتاب خريد ڪيا هئا. جنهن اخبار ۾ اوهان جو نالو هوندو هو تہ اهو سڄو ڏينهن مسرت ۾ريو گُذرندو هو. يقين ڪريو تہ مون اوهان جا ڪِتاب وري وري پڙهيا هئا، ۽ اهڙي طرح پڙهيا، جو مون

کي برزباني ياد ٿي ويا آهن. جيڪڏهن هينئر ب کو مونکان پُڇي ته مونکي ان مان کا ست ٻُڌاءِ ته هوند آءٌ بنا رکجڻ جي سڀ ڪجهه بلڪ پورو باب رواني سان پڙهي ڇڏيان.

ءِ جڏهن هِن محبت جي، معصوم محبت جي، مري ويل محبت جي پارت ڪندي، 'رحيق' کي آخري خواهش جو اظهار ڪندي لِکيو مونکي منهنجو ئي پنج ڪڙو ياد اچي ويو.

محبت جي مالها جي پارت هجئي،
مٽيون مٽيون ڪري وِکيري نہ ڇڏجان،
سُبيل زخم سارا اُڌيڙي نہ ڇڏجان،
پرين پيار پنهنجو عبادت اٽئي،
محبت جي مالها جي پارت هجئي.

منهنجي هِڪڙي آخري خواهش آهي. پهرين ءِ آخري خواهش، ضرور پوري ڪجو... هر سال پنهنجي سالگرهه واري ڏينهن لاءِ (جڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجو خيال ايندو آهي) گلاب جا گُل وٺي گُلدان ۾ وجهي ڇڏجو... اهو اهڙي نموني ڪجو. جيئن ماڻهو ڪنهن جي ورسيءَ تي ڪندا آهن... منهنجو ڪنهن تي ب يقين نہ رهيو آهي. اُن ڪري آءٌ پنهنجي ورسيءَ تي کا فاتح يا دُعا نٿي گهرڻ چاهيان... مون کي صرف اوهان تي يقين آهي... سواءِ اوهان جي ٻيو ڪنهن سان محبت ب ته نہ هُيم... اُن ڪري فقط اوهان ۾ زنده رهڻ ٿي

گُهران... انهيءَ ناتي سال ۾ فقط هِڪ ڏينهن خاموشيءَ ۽ سڪون سان گُل رکجو جيئن آءٌ سڄي عمر اوهان جي ويجهو رهيس... مهرباني ڪري ايئن ضرور ڪجو. منهنجي پهرين ۽ آخري خواهش پوري ڪجو... ٿورا... اوهان جا لک لک ٿورا... مون کي اوهان سان ئي محبت هئي...فقط اوهان سان ئي محبت آهي... الوداع... الوداع... موڪلاڻي...!!!

ناول جا به ڪيترائي قسم ٿين ٿا، پر هي ناول 'موڪلاڻي' جنهن کي پاڻ 'رومانوي ناول' لکي/چئي سگهون ٿا، انگريزي ۾ هِن کي (Romantic Novel) جيڪو اصل ۾ Romance لفظ مان نِڪتو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ ٿيندي داستان، قصو يا ڪهاڻي ۽ سنڌي ۾ وري رومانس کي عشق، عشقيه داستان، عشقه قصو يا عشقيه ڪهاڻي چئبو آهي.

سنڌيڪار جڏهن ترجمو ڪندو آهي ته اُنهيءَ کي گهٽين ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو آهي، هِن کي سڀ کان پهرين ته اهڙي ڪهاڻيءَ جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي جنهن ۾ ڪا به غير اخلاقيات نه هُجي، جنهن ۾ جيڪڏهن پيار ڪهاڻي به آهي ته انهيءَ کي جڏهن لکت ۾ آڻبو آهي ته اُنهيءَ لاءِ به کي حدون سرحدون جوڙيل هونديون آهن. جي ايئن نه هوندو ته انهيءَ سنڌيڪار جي ترجمي کيل ڪهاڻي يا ناول کي پڙهندڙن پاران ڪا به موٽ نه مِلندي.

اصغر ڳگو جو توڙي جو هي پهريون تجربو آهي، پر پهرين ئي تجربي ۾ پهرين ئي اهڙي پيار ڪهاڻيءَ جي چونڊ ڪئي اٿس، جنهن کي پڙهڻ ڪانپوءِ وري وري پڙهڻ ته دِل ٿي چوي.

مور ساگر

سنڌيڪار پاران

اٽپوري محبت تي لِکيل ڪهاڻيون هميشہ ياد رهجي ويندیون آهن. چاهيندي بہ اڌ ۾ رهجي ويندیون آهن. چاهيندي بہ اڌ ۾ رهجي ويل محبت جا قصا وِساري نہ سگهبا آهن. مون جهر ، ماڻهوءَ لاءِ تہ ڏاڍو مشڪل آهي، ڇو تہ منهنجو تہ درد سان الائي ڪهڙو رشتو آهي. جو جڏهن ڪان هوش جي آڏر جهلي اٿم تڏهن ڪان ڏُکارا گيت، اُداس منظر، تريجڊيءَ واريون فلمون، وِڇوڙي وارا ڊراما ۽ اُنهن جا جذباتي منظر ڏِسي روئي پوندو آهيان. درد ڇهي بہ نہ گڏريو هو تڏهن اِهو حال هو ۽ جڏهن وِڇوڙي جي وڍ اندر اڌ ڪيو تہ سمجهہ ۾ آيو تہ دُنيا جو سچو پچو ڪو رشتو آهي تہ اهو درد جو آهي. ڪنهن جو بہ درد هُجي، پنهنجو لڳندو آهي. هي ناولیٹ بہ درد ڀري ڪهاڻي آهي.

"LETTER FROM ON UNKNOON WOMAN"

جي نالي سان يار استيفن زويگ لکي هئي ۽ مون اردو ترجمو "وداع آخر" عنوان سان پڙهيو تہ دنگ رهجي ويو هئس. اکين ۾ مينهن وسي هليو هو. مينهن تہ هن ڪهاڻي پڙهڻ کان اڳ بہ وٺو هو ۽ خوب وٺو هو جڏهن مون ناولیٹ "خط جي ڏُنڊ ۾ ويڙهيل پيار" لکي ورتو هو. مون راتيون جاڳي ناولیٹ لکيو هو يا الائي ڪنهن آڏر مان جهلي لِکرايو

هئم. ناولیٹ لکي بس ڪئي هئم تہ ايئن لڳو جڻ زخم سُڪڻ لڳا آهن. هونءَ اندر اورڙ سان بار ڪجھ هلڪو ٿيندو آهي. پر افسوس جو زخم سُڪي رهيا هئا. ڪڙيون لٽيون نہ هيون. جو اِهو ناولیٹ مون کان وڃائجي ويو. حيدرآباد ۾ رهڻ دوران ڪِرائي جا گھر متائيندي ڪِٽي گُم ٿي ويو. گھٽي ڪوشش باوجود ليي نہ سگھيو ءِ نہ وري ٻيھر لِکي سگھيوس. هونءَ ٻہ سُٽيون تحريرون بار بار ڪِٽي ٿيون لِکي سگھجن. ساڳئي پيڙا مان گُذرڻ لاءِ دم ءِ همت گھرجي. جيڪا مون ۾ نہ آهي ءِ نہ وري هِن هَڙ وٽ واري دؤر ۾ فرصت ٿي مِلي.

جن ڏينهن ۾ ناولیٹ لِکيو هئم. شايد 2003ع جا ڏينهن هئا. تِن ڏينهن هر جمعي جي شام يوسف سنڌي جي دڙي واري "اوطاق" تي حاضري ڀريندو هئس. اُتي ئي سنڌي ڪھاڻي جي نرالي ڪھاڻيڪار ذوالفقار ڪاندڙي سان ملاقات ٿي هئي. اسان جو پيارو دوست رشيد آزاد ءِ آئون يوسف سان خوب ڪچھريون ٿيندیون هيون. ڪِتابن جون ڳالھيون، ڏکيا بحث، ٽھڪ ڪيڏيون نہ حسين شامون هيون. اُنھن ڏينهن مون يوسف جي لائبريريءَ مان کوڙ ڪِتاب کڻي پڙھيا هئا. اِهو ناولیٹ "وداع آخر" ٻہ مون يوسف کان وٺي پڙھيو هو. پر پنھنجي ناولیٹ وڃائجي وڃڻ کانپوءِ... ناولیٹ پڙھي دنگ رهجي ويو هوس. روئڻو تہ آهيان، سو روئي ٻہ ويٺو هئس. حيران هئس تہ محبت ايڏي گھيري ٿيندي آهي جو رڳو ڏيندي ويندي آهي. مون کي ناولیٹ جي ڪِردار سان محبت ٿي وئي هئي. ناولیٹ وري وري پڙھيو هئم. پر هر ڀيري ناولیٹ مون کي حيران ڪري وڃھندو هو. تڏھن پاڻ سان واعدو ڪيم هئم تہ اهو ناولیٹ ترجمو ڪندس ءِ پنھنجي وڃائجي ويل ناولیٹ کي ٻيھر نہ لِکي سگھڻ واري سِڪ هِن مان پوري ڪندس.

سال گُذري ويا، منهنجي نالي سان ٿي ڪِتاب بہ مارڪيٽ ۾ اچي ويا، پر اِهو ناولیٽ مون کان وِسريو ڪونہ ۽ نہ ترجمو ٿي سگھيو. هاڻ جڏهن وبا (ڪووڊ 19) جي ڏينهن ۾ هر شئي بيهي رهي فرصت ئي فرصت مِلي تہ ٻيهر ڪِتابن پڙهڻ جو سِلسلو شروع ٿيو. ڪِتابن کي ٽاهيندي هي ناولیٽ مِلي ويو ۽ مون بہ دير نہ ڪئي، ترجمو شروع ڪري ڇڏيم. ڪجهہ ڏينهن ۾ ناولیٽ ترجمو ٿي ويو. ايئن جڙ پاڻ لکيو اٿم ڇو تہ منهنجو ناولیٽ بہ تہ هڪ ڇوڪريءَ جي اڌ ۾ رهجي ويل محبت جي ڪهاڻي هو. جنهن پاڻ کي پئي ڳوليو. ڳولیندي ڳولیندي وڃائجي وئي هئي. پاڻ ڦُرائڻ ڪانپوءِ هِن وٽ خودڪشي آخري آپشن بچيو هو. پر هوءَ ايئن نہ ڪري سگھي ۽ پاڻ کان وڏي مرد سان زوري پرٽائي وئي. (هاڻ الائي ڪِتي ۽ ڪيئن آهي، خبر نہ اٿم.)

هِن ناولیٽ (موڪلاڻي) جي نائيڪا بہ تہ سچي محبت جي هڪ گهڙي ماڻڻ لاءِ پاڻ فنا ڪري ويهي ٿي. سو ناولیٽ جي ترجمي وقت ٻنهي ڪِردارن جو ڏک مون مٿان حاوي هو اُن ڪري چوان ٿيو ترجمو ناهي، جڙ پاڻ لِکيو اٿم.

ڪِتاب ترجمو ڪرڻ ڪانپوءِ پياري دوست يوسف سنڌيءَ سان ذڪر ڪيم تہ هِن هڪدم چيو ڏي تہ ڇپرايون، يوسف تہ جڙ منهنجي دِل جي ڳالهہ ٻُڌي ورتي هئي. مون بہ دير نہ ڪئي، ڪتاب جو مسودو ڪٽي حيدرآباد ساحل پرنٽرز جي سباجهڙي شاعري مور ساگر وٽ پهچي ويس. ڪِتاب ڪمپوز ٿي ويو پروف ڏِسڻ ڪانپوءِ يوسف حُڪم ڪيو تہ سنڌيڪار پاران لکي ڏي. بس ايترو قصو آهي ۽ هي ناولیٽ اوهان جي هٿن ۾ آهي. ناولیٽ بابت مور ساگر جا ويچار لِکي ڏيڻ بلڪ دِل سان شاعراڻي نثر ۾ لِکڻ تي ٿوراڻتو آهيان. يوسف سنڌيءَ جا وڏا وڏ جنهن

منهنجو ترجمو ٽيل ناوليٽ پڙهيو هوليءَ جون ڪچايون دُرست ڪيون، چو ته ڪنهن به تخليق جي هولي وڏي اهميت رکي ٿي ۽ اها ڳالهه يوسف يلي يت سمجهي ٿو چو ته هو ترجمي جو بادشاهه آهي. مونکي سندس ترجما وٽندا آهن. هڪ پيرو ٻيهر يوسف جا ٿورا جنهن هن ناوليٽ کي چپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو ۽ منهنجو پاڻ سان ڪيل واعدو به پورو ٿيو. آءٌ هِن ڪِتاب کي چپرائي ايئن ٿو محسوس ڪريان جڙ پاڻ مٽان رهيل قرض لهي ويو آهي. شال منهنجي محبت اوهان سڀڻن وٽ قبول پوي.

ساڻ سلامت

اصغر گُگو

10 آگسٽ 2021ع

بدين.

اعتراف

اُن کان پھرين جو آءٌ هن زندگيءَ کي الوداع چئي موڪلايان. آءٌ هِڪ فرض پورو ڪرڻ ٿوچاهيان. پنهنجي دِل جي اٿاهه گهراين سان. ملڪ برازيل جو ٿورو ادا ڪندس. جيڪو منهنجي ڪم ۾ منهنجي ذات لاءِ هڪ پُرسڪون جاءِ ثابت ٿيو. هر گُذرندڙ ڏينهن مون کي هِن ملڪ سان وڌ ۾ وڌ محبت ڪرڻ سيکاري.. مون جيڪو ڪم ڪيو سو ٻئي ڪنهن هنڌ ايڏي خوش دِليءَ سان نه ڪري سگهان ها. هاڻ اها دُنيا جتي منهنجي مادري ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، مون لاءِ برباد ٿي چُڪي آهي، يورپ، منهنجو روحاني گهر، پاڻ کي خود تباهه ڪري رهيو آهي.

ست سال گُذارڻ ڪانپوءِ انسان کي نئين سري کان زندگيءَ گُذارڻ لاءِ توانائي جي ضرورت پوندي آهي. پر منهنجي طاقت ڏِڪي عرصي کان جاري دربدريءَ جي هٿان ڏيان ٿي چُڪي آهي. تنهن ڪري مون کي محسوس ٿي رهيو آهي ته هِڪ اهڙي زندگي جيڪا تخليقي ڪم کان بيزار ۾ شخصي آزاديءَ جي دولت سان مالامال هُجي، بهتر آهي ته اُن کي ڪنهن ذلت جي شڪار ٿيڻ بجاءِ ختم ڪري ڇڏجي.

آءٌ پنهنجي سيني دوستن کي مبارڪ ٿو ڏيان! ته هو هن ڏِڪي رات کان پوءِ چمڪندڙ اُس جو منظر ڏِسڻ لاءِ جيئندا رهن. آءٌ جيڪو گهٽو بي صبرو آهيان، سو اڪيلو وڃي رهيو آهيان.

استيفن زويگ

پيٽروپولس - برازيل

22 فيبروري 1942ع

Declaração

Ehe ich aus freiem Willen und mit klarem Sinne aus dem Leben scheide, drängt es mich eine letzte Pflicht zu erfüllen: diesem wundervollen Lande Brasilien innig zu danken, das mir und meiner Arbeit so gute und gastliche Rast gegeben. Mit jedem Tage seit ich die Land mehr lieben gelernt und nirgends hätte ich mein Leben lieber von Grunde aus neu aufgebaut, nachdem die Welt meiner eigenen Sprache für mich untergegangen ist und mein geistiges Heimat Europa sich selber vernichtet.

Aber nach dem sechzigsten Jahre bedürfte es besonderer Kräfte um noch einmal völlig neu zu beginnen. Und die meinen sind durch die langen Jahre heimatlosen Wanderns erschöpft. So halte ich es für besser, rechtzeitig und in aufrechter Haltung ein Leben abzuschließen, dem geistige Arbeit immer die höchste Freude und persönliche Freiheit das höchste Gut hier auf Erden gewesen.

Ich grüße alle meine Freunde! Mögen sie die Morgenröte noch sehen nach der langen Nacht! Ich, allzu Ungeduldiger, gehe ihnen voraus.

Stefan Zweig

Petropolis 22. II 42

استيفن زويگ جي اعتراف نامي جو سندس هٿ اکرين عڪس

موکلاٹي

منهنجو پار جيڪو ڪالهه مري ويو سو اوهان جو اولاد هو. اوهان جو پُٽ هو... اُنهن ٽِن راتين مان ڪنهن هِڪ رات جو حاصل! اُن لمحي ڪان وٺي هُن جي جمڙ تائين آءٌ اوهان جي هُيس، صرف ۽ صرف اوهان جي... تڏهن ايئن لڳندو هئم، اوهان جي ڇُهڻ ڪانپوءِ مقدس ٿي وئي آهيان... مون لاءِ پلا اِهو ممڪن ئي ڪيئن ٿي ٿي سگهيو ته ڪنهن ٻئي جي آڇيل محبت قبول ڪريان.

♥

مشهور ناول نگار رحيق موڪلن جا ڏينهن هڪ پھاڙ تي گذارڻ ڪانپوءِ، اُن ڏينهن صبح جو واپس ويانا وريو هو... هِن اسٽيشن تان هِڪ اخبار ورتي. جڏهن تاريخ تي نظر پيس تہ هِڪ خيال وِچ جيان چمڪو ڏيئي دماغ ۾ ڊوڙي ويس تہ اڄ سنڌس ايڪتاليهون جنم ڏينهن آهي. ان خيال سان نہ تہ ڪيس ڪا خوشي ٿي هئي ۽ نہ وري ڪو ڏک. هن پريان بيٺل گاڏين وارن مان هِڪ ڪي سڏيو ۽ گاڏيءَ ۾ ويهي گهر پهتو. گهر جي دروازي وٽ ئي نوڪر ٻُڌايوس تہ اوهان جي غير موجودگيءَ ۾ ڪجھ ماڻهو ملڻ لاءِ آيا هئا... ڪيترن ماڻهن فونون بہ ڪيون هيون... ان ڪانسواءِ ڪيترا ئي خط پٽ سنڌس انتظار ۾ آهن... هُن اُنهن خطن تي هڪ سرسري نظر وڌي ۽ پوءِ جن خطن جي نالن ۾ سنڌس دِلچسپي هئي، سي ڪنيائين. باقي ٻيا خط اُتي ميز تي ڇڏي ڏِنائين. اُنهن خطن ۾ هڪ ٽلهو خط پڻ شامل هو... جنهن تي لکيل اٽڄاتل لکت کي ڏِسي الڳ ڪري رکيائين.

آرام ڪرسيءَ تي ويهي. هِن اخبار پڙهي، صبح واري چانهه پيتي... ڪجهه سرڪيولر ڏِنا ۽ پوءِ اُن ٽلهي خط ڏانهن ڏيان ڏنائين، جيڪو خط گهٽ مسودو وڌيڪ پيو لڳو. عورتاڻي لکت ۾ تڙتڪڙ ۾ لکيل ڪجهه درجن صفحا هئا... هُن اُن لفافي ۽ پنن تي نظر ڦيري ته شايد ڪنهن سُجاڻپ واري جو خط هجي، پر ان ۾ اهڙو ڪو به اُهڃاڻ نظر نه آيس ته هي خط ڪنهن لکيو آهي؟ ۽ ڪٿان آيو آهي.

عجب جهڙي ڳالهه آهي؟ هُن پٽڪيو ۽ خط پڙهڻ شروع ڪيائين. شروعات ۾ لکيل هو.

"اوهان، لاءِ! جنهن مون کي ڪڏهن به نه سُجاتو" هو پريشان ٿي ويو... سوچڻ لڳو ته، ڪنهن جو خط ٿي سگهي ٿو؟ مون کي لکيو ويو آهي يا ڪنهن فرضي هستيءَ کي!؟ خط ڪيس دِلچسپ لڳو ۽ هِن سڄو خط پڙهڻ شروع ڪيو.

"ڪالهه منهنجو پُٽ مري ويو! اُن ڪمزور ۽ ضعيف زندگيءَ لاءِ آءٌ لڳاتار ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون موت سان جهيڙيندي رهيس، ۽ هو معصوم انفلوئنزا جي تپ ۾ تپندو رهيو. آءٌ رات ڏينهن سندس مٿي تي ٺڏي پاڻيءَ جو پٽيون رکندي رهيس... سندس ننڍڙن پتڪڙن هٿن کي پنهنجي ڏکندڙ هٿن ۾ جهلي رکيو.هئم... ٽين ڏينهن شام جو منهنجي همت جواب ڏئي وئي ۽ منهنجي تِن چئن ڪلاڪن لاءِ اک لڳي وئي، اُن دوران موت مون کان منهنجو پيارو ٻچڙو کسي ورتو. هو پنهنجي سوڙهي کٽ تي اکيون بند ڪريو ڄڻ سُتو پيو هجي. اکيون بند، سنجيده گهريون اکيون ۽ هِن جا پتڪڙا هٿ سندس سيني تي رکيل آهن. چار ميڙ بتيون ٻري رهيون آهن. آءٌ ڏِسي نه پئي سگهان ۽ نه چُري پُري ٿي سگهان، ميڙ بتين جي روشنيءَ جا پاڇا هِن جي بند چَپن تي ڊوڙڻ لڳا،

تڏهن ايئن لڳو جڻ سندس عضوا حرڪت ڪري رهيا هجن. جڻ هو مئونہ آهي. مون کي دوکو ٿيڻ لڳي ٿو تہ بس اجهو اُتندوءِ پنهنجي مِٺي آواز ۾ ڪا محبت ڀري ڳالهہ ڪندو... پر آءٌ جاڻان ٿي تہ هو مري چُڪو آهي. آءٌ ٻيهر ڪيس ڪڏهن بہ ڏِسي ڪانہ سگهنديس. آءٌ ڪنهن نئين اُميد ۾ رهڻ بہ نٿي چاهيان. جاڻان ٿي تہ هو مري چُڪو آهي. منهنجو ٻچڙو مون کي اڪيلو ڪري ويو آهي... هاڻي هِن هيڏي ساري دُنيا ۾ منهنجو ڪو ٻچيو آهي تہ اُهي اوهين آهيو. فقط اوهين.... توهان جيڪي بنا ڪنهن خيال جي انسانن ءِ شين سان کيڏي عياشيءَ ۾ پنهنجي زندگي گُذاري رهيا آهيو.

مون هِيءَ پنجين ميڙ بتي ٻاري آهي ءِ اوهان کي خط لکي رهي آهيان... آءٌ اڪيلي، هيڪلي پنهنجي مري ويل ٻار جو حال ڪنهن سان اورڻ ڪانسواءِ رهي نٿي سگهان... هِن بدبخت گهڙيءَ ۾ اوهان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ تہ نہ بچيو آهي جنهن سان حال اوري سگهان... اوهان ئي مون لاءِ سڀ ڪجهہ آهيون. اِها بہ حقيقت آهي تہ آءٌ پنهنجي ڳالهہ جو مطلب سهي نموني سمجهائي بہ نہ سگهنديس. هن مهل منهنجي مٿي ۾ بہ ڏاڍو سور آهي، منهنجون لوندڙيون ڏکي رهيون آهن، منهنجو سڄو ٻُت سور ۾ ونجي ويو آهي. آءٌ بہ شايد ان بخار جي وڪڙ ۾ اچي ويندس جو تہ انفلوئنزا هن حصي ۾ ڦهلجي وئي آهي. مون کي شايد بخار شروع بہ ٿي ويو آهي. اُن جو مونکي ڪو ڏک بہ نہ آهي، جيڪڏهن هتي نہ تہ مرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ٻار سان سڪون سان ملي سگهنديس. منهنجي اکين اڳيان هر هر انڌاري اچي ٿي وڃي. مون کي ايئن ٿو لڳي آءٌ هي خط مڪمل نہ ڪري سگهنديس... پر پوءِ بہ آءٌ پنهنجي سموري سگهہ ميڙي پوري ڪوشش ڪنديس تہ هِن وقت اوهان سان پنهنجو حال بيان

ڪريان. اوهان سان دل جون ڳالهيون ڪريان، پر منهنجا محبوب! توهين مون کي سُجاڻو بہ نٿا.

آءٌ هينئر رڳو اوهان سان مخاطب ٿيڻ ٿي چاهيان، تہ جيئن پهريون پيرو سڀ ڪجهہ ٻُڌاءِ سگهان. منهنجي خواهش آهي تہ اوهين منهنجي پوري زندگيءَ کان واقف ٿيو... منهنجي زندگي، جيڪا هميشہ اوهان جي رهي ءِ اها ڪيڏي تہ عجيب ڳالهہ آهي تہ اوهين منهنجي باري ۾ ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻو! خبر ناهي مونکي سُجاڻڻ واري منهنجي اِها خواهش پوري ٿيندي بہ الائي نہ! ءِ جي پوري ٿيندي بہ تہ آءٌ هِن دُنيا مان موڪلائي چُڪي هوندس. اوهان کي خط جو جواب بہ ڏيڻ جي ضرورت نہ پوندي. جيڪڏهن آءٌ بچي ٿي وڃان تہ پوءِ هي سڀ ڪجهہ ڦاڙي ڇڏيندس، ءِ خاموشيءَ جي چادر اوڍي ويٺندس، جيئن هميشہ ماڻ رهي آهيان. جيڪڏهن هي خط اوهان تائين پهچي وڃي تہ پڪ ڄاڻي وڃو تہ هِڪ مئل عورت پنهنجي حياتيءَ جو افسانو اوهان کي ٻُڌائي رهي آهي... اُن حياتيءَ جو قصو جيڪا شروع کان هوش جي آخري گهڙيءَ تائين صرف اوهان جي هئي... اوهين منهنجي لفظن کان ڊِڄو نہ هِڪ مئل عورت ڪجهہ بہ نہ گهرندي آهي. نہ پيار محبت، نہ دلداري ءِ نہ وري رحم. منهنجي هڪ التجا آهي تہ اوهين منهنجي هِن خط جي هڪ هِڪ لفظ کي سچو سمجهو. اهو انڪشاف درد سان پريل دل سان ڪري رهي آهيان. منهنجي لفظن جو يقين ڪريو. هاڻي آءٌ ڪجهہ بہ نٿي چاهيان. مون کي ڪجهہ بہ نہ گهرجي. يقين ڪريو هڪ ڏُکاري ماءُ پنهنجي اڪيلي ٻار جي جنازي تي ويهي ڪڍهن بہ ڪوڙ نٿي لکي سگهي.

آءٌ پوري روئداد ٻُڌائڻ ٿي چاهيان. اُن ڏينهن کان جڏهن پهريون

پيرو اوهان کي ڏِنو هئم. اُن ڏينهن جو تصور پريشان ڪندڙ ۽ ڏنڊلو آهي. هِڪ اهڙي ڪمري جي ياد وانگر جنهن ۾ مِٽي پکڙيل هجي جنهن ۾ جارا ٽنگيل هجن.

اوهان جڏهن منهنجي زندگيءَ ۾ آيا هئا، تڏهن آءٌ تيرنهن سالن جي هيس ۽ اُن عمارت ۾ رهندي هيس، جنهن ۾ اوهان رهوٿا. جتي هي خط پڙهو پيا. جيڪو منهنجي زندگيءَ جو آخري ساهه آهي.

اوهان جي گهر جو دروازو، منهنجي گهرجي سامهون هو. ساڳئيءَ منزل تي رهندا هئاسين. پڪ سان چوان ٿي ته هِڪ اڪائونٽنٽ جي بيواهه ۽ سندس ننڍڙي ۽ ڪمزور ڏيءَ کي پلا چو ياد رکندا... اوهان کي ياد به ڪيئن رهنداسين، اسان ته سيني کان الڳ ۽ خاموش زندگي پئي گهاريو ايستائين جو اسان شرافت جو نمونو بڻجي ويا هئاسين. اوهان ته شايد ئي اسان جو نالو ٻُڌو هوندو ٻُڌو به ڪيئن هوندو، اسان جي دروازي تي ڪا نالي واري پٽي به ته ڪانه لڳل هوندي هئي. ته ئي وري اسان سان ڪوئي مِلڻ ايندو هو... ڪيڏو وقت گُذري ويو آهي!. پندرنهن سورنهن سال ٿي ويا آهن، اوهين اِهو سڀڪجهه وِساري چُڪا هوندا، پر مون کي هر ڳالهه ياد آهي، جڏ سڀ ڪجهه ڪالهه ٿيو هو.

اُهو ڏينهن، اُها گهڙي، جنهن ۾ مون اوهان بابت ٻُڌو هو ۽ اوهان کي ڏِنو هو، سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن ياد اٿم. وِساريان به ته ڪيئن، مون لاءِ زندگي شروع ئي تڏهن ٿي هئي. جڏهن اوهان بابت سوچڻ لڳي هُيس.

منهنجا محبوب! ٿورو صبر ڪريو ۽ مون کي شروعات کان آخر تائين سڀ ڪجهه ٻُڌائڻ ڏيو. بس ٿوري دير لاءِ اُنهن حالتن کي ٻُڌائڻ لاءِ بيزار نه ٿيو. تڪجو نه، چو ته آءٌ سڄي عمر اوهان سان محبت ڪندي

هِڪ پل لاءِ بہ ٽڪي ناهيان.

اوهان جي اچڻ کان پهرين، جيڪي ماڻهو اُن گهر ۾ رهندا هئا، اُهي ڏاڍا عجيب هوندا هئا. هر وقت پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. هو پاڻ بہ غريب هوندا هئا، پر اسان جي غربت جو مذاق اُڏائيندا هئا. اسان کان نفرت ڪندا هئا، ڇو جو اسان هنن کان الڳ هئاسين. اُن گهر جو وڏو شراب پي زال کي ماريندو هو ۽ هوءَ اڪثر رت ۾ ڀڄاڙهي ٽي ويندي هئي، گهر مان ٻاهر نڪري ايندي هئي، ڪُليل در، چادر لٽل، عورت جي رڙين ۽ اُن پائيءَ جي وڏي آواز گارين ڏيڻ تي پاڙي جا سڀ ماڻهو ٻاهر نڪري ايندا هئا ۽ اُن شرابيءَ کي چُپ ڪرائڻ لاءِ پوليس جون ڌمڪيون ڏيندا هئا. اُن سڄي گوڙ شور ۾ امان چُپ رهندي هئي. ۽ اُنهن جي ٻارن سان گڏ ڪيڏڻ کان بہ منع ڪندي هئي. آءٌ جڏهن اُنهن ٻارن سان گڏ راند کيڏڻ کان اِنڪار ڪندي هيس تہ هو سڀ مون کي گاريون ڏيندا هئا. هِڪ ڀيري اُنهن مون کي برف جا گولا ٺاهي هنيا تہ منهنجو متو ڦاٽي پيو هو پر اُن ڏينهن اسان ڏاڍا خوش ٿيا هئاسين، جڏهن اُنهن کي ڪنهن سبب جي ڪري گهر ڇڏڻو پيو هو. شايد اِهو همراهہ چوري جي الزام ۾ جهلجي پيو هو ۽ هُنن کي گهر ڇڏڻو پيو. ڪجهہ عرصي تائين اِهو گهر خالي پيو هو. دروازي تي نوٽيس لڳل هوندو هو. "مسواڙ لاءِ گهر خالي آهي" ۽ پوءِ هِڪ ڏينهن اِهو پنو لهي ويو هو. منتظم ٻُڌايو تہ: "اِهو گهر هِڪ ليڪ ورتو آهي، جيڪو غير شادي شده آهي، تمام سُٺو ماڻهو آهي، هن مان اُميد ڪري سگهجي ٿي تہ اِهو ڪنهن کي ڪا بہ تڪليف نہ ڏيندو" اِهو پهريون پيرو هو جو مون اوهان جو نالو ٻُڌو هو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ گهر کي صاف ڪيو ويو. رنگ روغن کان پوءِ سجايو ويو. مزدور گوڙ ڪندا هئا، پر امان چوندي هئي تہ ڪجهہ ڏينهن

کانپوءِ سامھون واري گھر مان گوڙجو آواز نہ ايندو.

اُنھن ڏينھن مون اوھان کي تہ ڪو نہ ڏٺو ھو پر اوھان جي نوڪر کي ڏٺو ھئم. جنھن جا اڇا وار ھئا. سندس ورتاءِ سنجيدو لڳندو ھو. جنھن مان خبر پئي پي تہ ھو وڏ گھراٽي جو نوڪر آھي. ھو ڏاڍي سليقي سان شين کي ترتيب ڏئي رھيو ھو. اِھو سڀ ڪجھ ڏِسي، اسان ڪائنس متاثر ٿي رھيا ھئاسين. ھو نھايت اعليٰ اخلاق وارو ملازم ھو. جيڪو اجايو وقت نہ وڃائيندو ھو. پھرين ڏينھن کان وٺي امان سان ٺٺي طريقي سان پيش ايندو ھو. ٻارن سان ھر وقت ٻاجھائپ سان ڳالھائيندو ھو. اوھان جي باري ۾ جڏھن بہ ڪا ڳالھ ڪندو ھو تہ سندس لھجي ۾ عجيب جذبات اڇي ويندا ھئا. جڏ اوھان نہ رڳو ھُن کي پر سندس سڄي خاندان جا پالٽھار ھُجو. مون کي ھُن (معمرجان) نوڪر سان محبت ٿيڻ لڳي ھئي ۽ ساڻ بہ ٿيندو ھئم تہ ھو اوھان سان گڏ رھي ٿو. اوھان جي خدمت چاڪري ڪري ٿو ۽ آءٌ رڳو پري کان اوھان کي ڏِسي پئي سگھيس.

خبر اٿوَ تہ، آءٌ ھي ننڍيون ننڍيون ڳالھيون چو پئي لِکان؟ صرف ان ڪري تہ جيئن اوھان کي ٻُڌائي سگھان تہ ھِڪ ننڍڙي ۽ شرميلي ڇوڪريءَ تي اوھان جي شخصيت جو اثر ڪيئن پيو ھو... اُن کان اڳ جو اوھان کي ڏِسان، منھنجي ذھن ۾ اوھان جو تصور ھِڪ دولت مند ماڻھوءَ جو ھو جنھن جي دُنيا حيرتن سان ڀريل ھوندي آھي. اُھي ماڻھو جيڪي زندگيءَ مان بيزار رھندا آھن ۽ ھميشہ تبديليءَ جا خواھش مند ھوندا آھن، اھڙن تصورن ۾ اوھان جي انتظار ڪري رھي ھُيس. اسڪول مان موٽي اڇي دروازي وٽ ويھي رھندي ھيس. اُن ڏينھن جڏھن اسڪول مان موٽي ھيس، ڏٺم تہ سامان سان ڀريل گاڏي ھيٺ

بيٺي هئي، جنهن مان ڳرو سامان لاٿو پي ويو آهي هڪڙي ڪُنڊ ۾ بيهي رهي هُيس، هر شئي جي دِل ئي دِل ۾ تعريف ڪري رهي هيس، جنهن جو تعلق اوهان سان هو. اِهي شيون اُن ڪري به وڻي رهيون هيون جو آهي روزاني جيڪي شيون ڏِسندي هيس تِن کان مختلف هيون. هندستان مان گهرايل مجسما، اتليءَ جي بُت تراشن جا تراشيل بُت، وڏيون رنگين تصويرون ڏِسي حيرتن جو جهان اُکري وئي هيس. ايڏا خوبصورت ۽ ججها ڪِتاب ڏِسي دنگ رهجي وئي هيس. آهي آسائتين اکين سان ڪِتاب ڏِسندي رهيس، اوهان جو نوڪر هر ڪِتاب کي صاف ڪري رکندو هو. هِن اشراف ماڻهوءَ مونکي اُتان وڃڻ لاءِ نه چيو هو ۽ نه وري منهنجي حوصلي افزائي ڪئي هئي. اُن ڪري ڪِتابن کي ڇهڻ ۽ هٿ لاهڻ کان ڊڄي رهي هيس. حالانڪِ منهنجي دِل بي تاب هئي ڪِتاب کڻي ڏِسڻ لاءِ. بيٺي بيٺي ڪِتابن جا نالا پڙهي ورتا هُئم. گهڻا ڪِتاب انگريزي ۽ فرانسيسي ٻولين جا هئا ۽ ٻين ٻولين جا به ڪيترائي ڪِتاب هئا. جن جو مون کي اکر به سمجهه ۾ ڪونه پئي آيو. ڪيترن ڪلاڪن تائين ڪتابن کي تڪيندي رهيس، پوءِ امان جي سڏڻ تي اُتان وڃڻو پئجي ويو هئم.

اُن شام رکي رکي اوهان جو خيال ذهن ۾ اچي رهيو هو. مون اوهان کي ڏِٺو ته ڪونه هو. پر خيال جو پوپٽ هر هر اُڏري رهيو هو ته اوهان ڪيئن ۽ ڪهڙا هوندا؟

مون کي ڪتاب وڻندا هئا ۽ مون وٽ ڪجهه ڪِتاب به هئا، جيڪي مون بار بار پڙهيا هئا. اُهي ڪِتاب دُنيا جي هر شئي کان وڌيڪ پيارا هُئم. اوهان جا ڪِتاب ڏِسي هر هر پاڻ کان پُڇي رهي هُيس ته، اهو ڪهڙو ماڻهو آهي، جنهن ايڏا ڪِتاب پڙهيا آهن! ڪيڏو نه ذهين ۽

لائق ماڻهو هوندو جنهن کي ايتريون زبانون اچن ٿيون ۽ دولتمند به آهي. خبر اٿو اُنهن ڪِتابن جي ڪري منهنجي دِل ۾ اوهان جي لاءِ وڏيڪ عزت پيدا ٿي وئي هئي. اوهان لاءِ تصور ڪيو هئم هِڪ پوڙهو ماڻهو جنهن کي جاگرافيءَ جي اُستاد جيان عينڪ پاتل هوندي، ڏگهي ڏاڙهي هوندیس، اُن جهڙو بلڪ اُن کان وڏيڪ نفيس ۽ مهربان هوندو. نه ڄاڻ ڇو مون کي يقين هو ته، اوهين بيحد خوبصورت هوندا. اُنهيءَ رات پهريون پيرو اوهين منهنجي خواب ۾ به آيا هئا.

ٻئي ڏينهن اوهين گهر ۾ اچي چُڪا هئا. پر آءٌ اوهان کي ڏِسي ڪاڪ سگهي هُيس، ۽ پوءِ ڪيڏي نه بي چين ٿي پئي هيس، اوهان جي هِڪ جهلڪ پَسڻ لاءِ... پهرين ڏينهن اوهان کي نه ڏِسي سگهڻ جي ناڪاميءَ منهنجي شوق کي وڌائي ڇڏيو هو. ڪيئن به ڪري اوهان کي ڏِسڻو هو. نيٺ ٽِن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي خواهش پوري ٿي هئي. اوهان کي ڏِسڻ سان، بس ڏِسندي رهجي وئي هُيس، اوهين منهنجي جوڙيل تصور کان بنهه مختلف هئا. اوهان کي هلڪي پوري رنگ جو سوٽ پاتل هو ۽ جوان ڇوڪرن جيان هِڪ قدم ۾ به ٻه ڏاڪا چڙهي رهيا هئا. اوهان جي هٿ ۾ هيٽ هئي. اوهان جو خوبصورت چهرو ڏِسي منهنجي خوشيءَ جي ڪا انتها نه رهي هئي. سچ پچ ته، اوهين اُنهن ماڻهن مان آهيو جِن تي زماني جي گردش جو ڪو به اثر ناهي ٿيندو.

مون محسوس ڪري ورتو هو ته، اوهان جي هستيءَ ۾ به هستيون لڪل آهن. مون ڏِٺو ته، اوهان هِڪ پُرجوش، خوش اخلاق طبيعت وارا نوجوان هئا. جنهن جو ڪم رڳو ڪِل پوڳ ڪرڻ آهي ۽ ٻي وري آرٽ سان گهري مطالعي ۽ اعليٰ قابليت سان هِڪ نهايت سنجيده ۽ پُروقار شخصيت، جنهن ۾ ذميداري جو هِڪ شديد احساس موجود هو. مون اِهو

سڀ غير ارادي طور ڏٺو هو پر آءٌ سمجهان ٿي تہ اِهو سڀ ڪجهہ ٻين ۾ محسوس ڪيو هوندو تہ اوهين هِڪ ئي وقت ۾ زندگيون گُذاري رهيا آهيو. اُنهن مان هِڪ اِها هئي جنهن جي سيني ڪي خبر هئي ۽ ٻي زندگي دُنيا وارن کان لِڪل هئي، جنهن بابت رڳو اوهان ئي ڄاتو پئي... مون تيرنهن سالن جي چوڪريءَ اوهان جو اِهو راز ڄاڻي ورتو هو. اوهان اِهو سمجهي سگهو ٿا تہ اوهين مون ٻارڙيءَ لاءِ ڪنهن ڪجهارت کان گهٽ نہ هئا؟ اوهين اُهي ماڻهو آهيو جنهن لاءِ هر ڪو عزت جا لفظ ڳالهائيندو آهي، ڇو تہ اوهين ليڪ آهيو ۽ هِن وسيع دُنيا ۾ گهٽا مشهور آهيو.

اُنهن ڏينهن منهنجي ننڍڙي ۽ محدود دُنيا ۾ صرف اوهين ئي منهنجي دِلچسپيءَ جو سبب هئا. منهنجي زندگي اوهان جي شخصيت جو طواف اهڙي وفاداريءَ سان ڪري رهي هئي، جيڪو هِڪ تيرنهن سالن جي چوڪريءَ جي وس ۾ هو.

جڏهن ڪان اوهان کي ڏٺو هئم، اوهان سان مِلڻ لاءِ ايندڙ ويندڙ ڪي ڏِسندي هُيس، اوهان جون عادتون پَرکيون هُيم ڪي ڳالهيون اٽوٽندڙ هيون، پوءِ ۾ منهنجي دِلچسپي گهٽي ڪانہ هئي، بلڪِ وڌڻ لڳي هئي. اوهان جي فطرت جا ٻہ پهلو ۽ ٻي پاسي اوهان سان مِلڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن کي ڏِسي سمجهہ ۾ اچي ويا هئا. اُنهن ملاقاتين ۾ ڪجهہ نوجوان هوندا هئا. ڪجهہ اوهان جا هم عمر ساڻي ايندا هئا ۽ ڪڏهن وري ٻي ترتيب لباس پاتل شاگرد ٻہ ايندا هئا، جن سان اوهين کِلندا هئا. موج مستي ڪندا هئا. ڪجهہ عورتون ٻہ ايندڙيون هيون، ڪڏهن کي شرميليون چوڪريون ٻہ اچي نِڪرنديون هيون، جيڪي ڪنهن ڪاروباري اسڪول ۾ پڙهي رهيون هيون، هونءَ ٻہ اوهان سان عورتون ئي وڌيڪ

ملڻ ايندیون هیون. هِڪ پيري ٽئيٽر هلائيندڙ شخص بہ ملڻ لاءِ آيو هو. مون پري کان ڪيس ڏِنو هو. هڪ پيري صبح جو اسڪول وڃڻ مهل اوهان جي ڪمري مان بُرقي واري عورت کي نِڪرندي ڏِٺو هئم... آءٌ سمجهي نہ پئي سگهيس تہ منهنجي جيڪا جذباتيت آهي، سا محبت آهي يا ٻيو ڪجهہ؟ اُن ڏينهن واري اُن پل کي تہ ڪڏهن بہ وِساري نہ سگهي آهيان، جڏهن مون پنهنجي دِل، پنهنجي هٿن سان اوهان جي اڳيان پيش ڪئي هئي. اُن ڏينهن آءٌ پنهنجي ڪلاس فيلوَ سان گڏ دروازي وٽ بيٺي هيس ۽ اوهان گاڏيءَ مان ڦُڙتيءَ سان لٿا، اوتري ئي تيزيءَ سان گهر ڏانهن وڌڻ لڳا هئا. مون جلدي ۾ اوهان لاءِ دروازو کوليو هو. اوهان شفقت پريل نظرن سان ڏِٺو. يقين ڪريو تہ اِها هِڪ نگاهہ منهنجي سڄي وجود تي ڦهلجي وئي هئي. مٺان خوش مزاجيءَ واري انداز ۾ اِهو چوڻ "اوهان جي وڏي مهرباني". بس اُن ننڍڙي واقعي مون کي اوهان جو ٻڌائي ڇڏيو هو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ خبر پئي تہ، جن بہ مائين سان اوهان جو تعلق هو اُنهن سيني کي اوهين اهڙين نگاهن سان ڏِسندا هئا. عجيب ڇڪ هُئي اُن دلڪش نگاهہ ۾، هڪ ئي وقت وجود ۽ دِل تي اثر ڪندي هئي... اِهو تہ اوهان جو انداز هو. اوهين دُڪاندار ڇوڪري ۽ نوڪرياڻي کي ان انداز سان ڏِسندا هئا. ايئن بہ نہ هو تہ، اهو سڀ ڪجهہ ڇاڻي واڻي ڪندا هئا، نہ ئي اوهان سيني عورتن تي قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو بلڪ مخالف صنف لاءِ اوهان جا جذبا، اوهان جي نظرن مان سمجهي وڃبا هئا، تيرنهن سالن جي عمر ۾ اهڙا خيال ناهن ايندا، پر مونکي ايئن لڳندو هو آءٌ باهہ جي اُلائن تي هلي رهي هيس. مون کي يقين ٿي ويو هو تہ، اها عنايت رڳو ۽ رڳو مون لاءِ هئي... اُن هِڪ لمحي مون نابالغ ڇوڪريءَ ۾ هِڪ عورت جاڳائي وڏي هئي. اِها عورت

جيڪا هميشہ هميشہ اوهان جي هئي. فقط اوهانجي...

هو ڪير آهي؟ منهنجي ڪلاس فيلوَ مونکان پُڇيو هو. پهرين تہ ڪيس جواب ڏئي ڪانہ سگهيس، پوءِ تہ مون لاءِ اوهان جو نالو ڪٹڻ ناممڪن هو... اوهان جو نالو مون لاءِ سڳورو هو. پنهنجو راز ٻئي ڪنهن کي ناهي ٻُڌائيو. سو مون مڙوئي ڪيس جواب ڏيندي چيو: "عام ماڻهو آهي، جيڪو هاڻي ان جاءِ تي رهي تو."

"هونهہ...! پر هُن جڏهن توڏانهن ڏِٹو تہ تون شرمائجي ڇو وئي هئينءَ؟"

آءٌ ڪيس کي جواب ڏئي ڪانہ سگهيس، بلڪ سندس سوال تي وڌيڪ شرمائجي وئي هيس. ٻئي هُن جاڻي ورتو هو تہ منهنجي دِل ۾ اوهان جي محبت جو چور ويٺل آهي... هوءَ سوالیا نظرن سان گهورڻ لڳي تہ آءٌ ڪيس اُتي ڇڏي جلديءَ ۾ اُتان ڪِسڪي ويس.

اُن لمحي کان مونکي اوهان سان محبت آهي... آءٌ اِهو به جاڻان ٿي تہ عورتن جي واتان اهڙو جملو ٻُڌي اوهين خوش ٿيندا آهيو. آءٌ اِهو به يقين سان چوان ٿي تہ مون جيتري محبت اوهان سان ڪنهن به نہ ڪئي هوندي.. اهڙي غلامانہ محبت.. ڪُتي جي وفاداريءَ جهڙي محبت.. ايتري اُنسيت ڪنهن کي به نہ هوندي، جيتري مون کي هئي، ٻئي اڃا به آهي... اِها به حقيقت آهي تہ هِڪڙي بارڙيءَ جي غير محسوس محبت جو مقابلو ڪو به نہ ٿو ڪري سگهي. اهڙي پُرجوش محبت جو مقابلو ڪنهن بالغ عورت جي محبت نٿي ڪري سگهي، بالغ عورت جي محبت ۾ جسماني لذت جي طلب لڪل هوندي آهي. پر هِڪ بارڙيءَ جي محبت ۾ سواءِ بي لوث جذبن جي ٻيو ڪجهہ به نہ هوندو آهي.

اُنهن بالغ عورتن تہ محبت بابت گهٹو ڪجهہ ٻُڌو ٻئي پڙهيو هو...

محبت تہ سيني کي ٽيندي آهي ۽ کجهہ ماڻهو وري هِڪبئي سان راندیکن جيان کيڏيندا آهن. کي ماڻهو وري پنهنجا رازدار ٿاهيندا آهن، پر منهنجو تہ نہ کو رازدار هوءِ نہ کنهن کجهہ سمجهايو هوءِ نہ وري محبت جي ياد ۾ کجهہ پڙهيو ۽ ٻڌو هئم. آءٌ تہ اڻ تجربيڪار هيس آءٌ تہ بس پنهنجي قسمت سان مِلڻ لاءِ ڊوڙي رهي هُيس. مون منجهہ جيڪا اُتل پُتل ٿي رهي هئي، اندر ۾ جيڪو وهيو واپريو پئي، تنهن جو مرڪزي نقطو رڳو اوهين ئي تہ هئا. منهنجي دِل ۽ دماغ ۾ رڳو اوهان جو ئي خيال هو. هڪ اهڙي چوڪري جنهن جي پيءُ کي گُذاريندي سالَ ٿي ويا... منهنجي ماءُ کي پنهنجن مسئلن ۽ مصيبتن کانسواءِ کجهہ بہ ياد نہ هوندو هو. هوءَ تہ رڳو اُنهن مشڪلاتن کي حل ڪرڻ لاءِ سوچيندي هئي. سو هُن ۽ منهنجي خيالن ڪِٿي ٿي ميل ڪاڏو. منهنجون هم عمر ڪلاس فيلو چوڪريون هر شئي کان واقف هيون، رولاڪ بہ تہ هونديون هيون، سي منهنجون همدرد، هم راز ڪيئن ٿي ٿي سگهيون. جيڪو جذبو منهنجي لاءِ سڳورو ۽ اعليٰ هو اِهو هُنن لاءِ ڪا ڳالهہ نہ هو. جيڪو کجهہ مون منجهہ اُپري رهيو هو اهو ٻين چوڪرين ۾ منتشر هو.

مون لاءِ صبح بہ اوهان هئا تہ شام بہ...اوهين مون لاءِ ايئن هُئا جيئن... ڪهڙي تشبيهہ ڏيان. جيڪا منهنجي جذبن جي ترجماني ڪري سگهي. اوهين مون لاءِ زندگي بڻجي ويا هئا. مون لاءِ هِن دُنيا ۾ ٻي ڪا بہ شئي موجود نہ هئي. سواءِ اُنهن شين جي جن جو تعلق اوهان سان هو. مون لاءِ ٻين ڳالهين جو مفهوم کجهہ بہ نہ هو. فقط اُنهن ڳالهين جي، جيڪي اوهان بابت هونديون هيون.

اوهان منهنجو سڀ کجهہ بدلائي ڇڏيو هو. پهرين اسکول ۾ ٻي

پرواهہ ۾ غير مقبول هيس، پوءِ اوچتو اول ٽي ويس. رات جو ديرِ تائين ڪِتاب پڙهندي هيس. ڇوتہ مون جاتو پئي تہ، اوهين ڪِتابن جا شوقين آهيو. امان جي منع ڪرڻ باوجود مون پيانو وڄائڻ جي مشق شروع ڪري ڇڏي هئي. صرف ان ڪري جو اوهان کي موسيقي جا سُر وٺندا آهن. مون پنهنجا ڪپڑا پاڻ ٿاهي سُبڻ شروع ڪيا تہ جيئن اوهان کي سُٽي لڳان، مونکي اسڪول جي ڊريس ڪاڻ وٺندي هئي، اُن ۾ هِڪڙو سوراخ هوندو هو. مون کي هميشہ اِهو خوف رهندو هو تہ، ڪِٽي اوهان اِهوڙِسي نہ ونو ۾ مون کان نفرت نہ ڪرڻ لڳو. آءٌ بہ ڪيڏي نہ بي وقوف هيس، پاڻ ٿاهي گُهمندي هيس، پر اوهان تہ ڪڏهن بہ مون ڏانهن وري هِڪ نظر بہ ڏِنو ڪونہ هو.

منهنجا سڀ ڏينهن، بلڪ اٺ ئي پهر اوهان جي انتظار ۾ گُذري رهيا هئا. آهيان نہ بيوقوف منهنجا محبوب! مون تان ڪِلو ٿهڪ ڏيو پر آءٌ اڄ بہ اُنهن گهڙين لاءِ پشيمان نہ آهيان جيڪي مون اُن لڪيل دڪيءَ تي ويهي اوهان جي راهہ تڪيندي گذاريون هيون. ڪمرو برف جيان ٺڏو هوندو هو ۽ آءٌ اُنهن گهڙين ۾ هٿن ۾ ڪِتاب جهليو ويٺي هوندي هيس. ڪيترا پل، ڏينهن، مهينا ۽ سال ستار جي تارن جيان تاٽيل ۽ پُرجوش ويٺي هوندي هُيس. اوهان جي قربت جو هر ڇهاءُ اُن تار وانگر وٽندي هيس ۽ سڄي ڏکي بہ ويندي هيس. دِل جي سچائيءَ سان جوش ۽ جذبي سان اوهان جي ويجهو هيس. پر اوهان تہ ڪيسي ۾ پيل گهڙيءَ جي ڪانٽن جيترا بہ مون کان واقف نہ هئا. اوهان تہ اُن گهڙيءَ کي بہ لکين سيڪنڊ گُذرڻ کان پوءِ ئي ڏِسندا هئا.

آءٌ اوهان بابت سڀ ڪجهہ ڄاڻندي هيس. اوهان جون عادتون، اوهان جا سوٽ ۽ اُهي ٽايون جيڪي اوهين پائيندا هئا، اُنهن سيني کان

واقف هيس. مون جلد اوهان جي سيني ملاقاتين کي بہ سُجاڻي ورتو هو. اُنهن مان ڪجهہ مون کي سُڻا لڳندا هئا ۽ ڪي ڏِٺي نہ وٺندا هئا.

آئون تيرهن سالن جي عمر کان سورهن سالن تائين هر گهڙي اوهان جي هيس. اُنهن سالن ۾ اهڙي ڪهڙي چريائپ هئي، جيڪا مون نہ ڪئي هئي. اوهان جي گهر جي دروازي کي چمڙ کان وٺي، اوهان جي اُڇلايل سگريٽن جي ٽوٽن کي بہ گڏ ڪري رکيو هئم. اِهو دروازو ۽ ٽوٽا بہ منهنجي لاءِ سڳورا هئا ۽ ڇو نہ هجن، جن ۾ اوهانجي هٿن جو ڇُهاءُ ۽ چَپَن جو لمس جو هوندو هو. شام جو گهر مان نِڪري هيٺ رستي تي بيهي اوهان جي گهر ڏانهن ڏِسندي هيس تہ ڪهڙي ڪمري جي بتي ٻري، تہ جيئن آءٌ اوهان جي نظرن کان لکي، اوهان جي موجودگيءَ کي محسوس ڪري سگهان.

جن ڏينهن اوهين شهر کان ٻاهر هوندا هئا تہ مون کي ايئن لڳندو هو منهنجون ڏڙڪنون بيهي رهيون آهن. مون لاءِ زندگي بي معنيٰ ٿي پوندي هئي. انتهائي عجيب ڪيفيتن، بي مزي ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ وقت گُذرندو هو. هر ويرو بہ گُهمندي ڦِرندي رهندي هُيس، حد کان وڌيڪ احتياط ڪندي هيس تہ منهنجي اکين مان لُڙڪ نہ نِڪرن، ڇو تہ امان ڏِسي وٺي ها تہ شڪ ڪري ها.

منهنجا محبوب! ڄاڻان ٿي تہ هِتي جيڪو ڪجهہ لکي رهي آهيان، سو سڀ چريائپ جو ڏير آهي. هِڪ ڇوڪريءَ جي لفظن جي فضول خرچي آهي. پر اِهو بہ سچ آهي تہ اُن وقت منهنجي محبت ايڏي تہ شديد هئي، ايڏي پوَتر هئي، اهڙي شايد ڪڏهن بہ نہ هئي.

آءٌ اوهان کي هر ڳالهہ ٻُڌائي سگهان ٿي تہ ڪيئن مون ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن اوهان سان زندگي پئي گذاري، اوهين تہ

مون کي سڃاڻو به ڪونه ٿا. سُڃاڻو به ته ڪيئن؟ جڏهن اوهان جي پر مان گُذرندي هُئس ته ڪنڌ هيٺ ڪري پڇي ويندي هيس. الائي ڇو اوهان جي اکين ۾ ڏسي سگهڻ جيتري مون ۾ سگهه نه هوندي هئي. آءٌ اُتان اهڙي تيزيءَ سان پڇندي هيس جيئن ڪو باهه جو سڙيل پڇندو آهي.

آءٌ اُنهن ڏينهن، مهينن جو سڃو احوال يڪ ساهي ٻُڌائي سگهان ٿي. اِها به پڪ اٿم ته اوهان کان اِهو سڀ ڪجهه وِسري ويو آهي. سڄي زندگيءَ جي رام ڪهاڻي ورجائي سگهان ٿي، پر اِهو سڀ ڪجهه ٻُڌاءِ اوهان کي پريشان نٿي ڪرڻ چاهيان. آءٌ ته بس رڳو هِڪ ڳالهه ٻُڌائڻ ٿي چاهيان، جنهن جي شروعات اُنهن ڏينهن ٿي هئي. جيڪي ڏينهن منهنجي نندپڻ جا بامعني تجربي جا هئا. ڄاڻان ٿي ته اوهين مون تي ڪِلي رهيا هوندا. اوهان کي مون تي ڪِلڻ نه گُهرجي. پلي ان ڳالهه کي هِڪ معمولي واقعو سمجهو، پر مون لاءِ اِهو سڀ ڪجهه غير معمولي اهميت رکي ٿو.

اِهو شايد آڇر جو ڏينهن هو اوهين ڪيڏانهن ويل هئا. اوهان جو نوڪر دروازي مان غاليچو گهليندو ويو. اهو غاليچو هُن اڪيلي کان کنيو نه پي ٿيو. مون همت ڪري ڪيس چيو: "آءٌ اوهان جي مدد ڪريان؟" هو حيران ٿيو هو، پر هِن انڪار ڪيو پر پوءِ به مون سندس مدد ڪئي.

آءٌ اوهان کي ڪيئن ٻُڌايان ۽ سمجهايان ته ڪيڏي تعظيم، تقدس، ادب ۽ احترام واري جذبي سان اوهان جي ڪمري ۾ پير رکيا هئم. ڪيتري نه پُر تجسس هُيس ۽ ڪيڏي نه جذبن جي شدت سان ڪمري جي هر شئي کي ڏِٺو هئم... لکڻ جي ميز جنهن تي اوهان ويهي لکندا هئا، ان تي هِڪڙو خوبصورت گُلدان رکيل هو. جنهن ۾ ڪجهه گل پيل هئا. ڪِتاب ۽ تصويرون، مون هر شئي کي ڏِڪندڙ نظرن سان

پئي ڏنو. آءٌ جان (نوڪر) کي چوان ها تہ هر شئي کي چڱيءَ طرح ڏسڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ها. پر سچ اِهو آهي تہ مون لاءِ اِهو ڪافي هو تہ آءٌ پنهنجي هستيءَ ۾ ان ماحول کي جذب ڪري، اٿندي ويهندي، ننڊ ۾، جاڳ ۾، اوهانجي تصورن ۽ خوابن جو نئون سامان مهيا ڪري سگهان.

اها تيزيءَ سان گُذري ويل گهڙي منهنجي ننڊپڻ جي سڀ کان يادگار گهڙي هئي، آءٌ ٻُڌائڻ ٿي گُهران تہ ڪيئن منهنجي زندگي اوهان جي زندگيءَ سان همڪِنار ٿي هئي. مون چاهيو ٿي تہ اُن خوشگوار لمحي ۽ بين ڪيترين گهڙين جو ذڪر ڪريان. اوهان کي ڪيئن ٻُڌايان تہ، اوهان جي تصورن منهنجي ذهن مان ٻيا خيال ختم ڪري ڇڏيا هئا. اوهان جي خيال ۾ گم ٿي مون کان تہ امان ئي وِسري وئي هئي. هُن چاٽي ڪيو گهر ۾ ڪير آيو ٿي ۽ ويو پئي. مون تہ اِهو به محسوس نہ ڪيو تہ انسبرگ شهر جو هِڪ واپاري جيڪو امان جو هِڪ پري جو مائٽ هو. اهو اڪثر امان کي سئنيما وٺي ويندو هو. هوءَ گهر کان ٻاهر هوندي هئي ۽ آءٌ اڪيلي اوهان جي خيالن ۾ گُم ويٺي هوندي هيس. منهنجون نگاهون اوهان جي گهر جي دروازي کي تڪيندڙيون رهنديون هيون. گهر ۾ هڪ وقت منهنجو اِهو محبوب مشغلو هو جنهن سان مون کي خوشي مِلندي هئي.

هِڪ ڏينهن، امان چيو مون کي توسان خاص ڳالهہ ڪرڻي آهي. آءٌ سڄي هَڄي وئي هيس. دِل جون ڌڙڪنون ٻيهندي محسوس ٿيون هئم. يا شايد دِل ايڏو تيز ڌڙڪي هئي جو سينو چيري ٻاهر ٿي نِڪتي. ڪيڏو نہ ڊڄي وئي هيس. شڪ ٿيڻ لڳو هئم تہ ڪِتي امان کي خبر تہ نہ پئجي وئي آهي. ڪٿي پنهنجي راز جو انت تہ نہ ڏئي وِڌو اٿم. اتي به مون کي پهرين اوهان جو خيال ئي آيو هو. پوءِ پنهنجي راز جو اُن راز جو جنهن مون کي

زندگيءَ سان جوڙي رکيو هو. مون امان ڏانهن ڏٺو ته هوءَ پاڻ گهبرايل پئي لڳي. هوءَ مون کي چمي کانه ڏيندي هئي. پر اُن ڏينهن هوءَ وڏي چاهه سان مون کي پيار ڪري رهي هئي. چميون پئي ڏنائين. پاڻ سان گڏ صوفي تي ويهاري ڪجهه ڏڪندي ۽ ڪجهه شرمائيندي چيائين ته، سنڊس ان ساڻي ساڻس شادي ڪرڻ جي حامي پري آهي. سنڊس زال به مري چُڪي آهي ۽ مون سنڊس آڇ رڳو تنهنجي ڪري قبول ڪري ورتي آهي. آءٌ ڏڪي وئي هيس. منهنجي ذهن ۾ رڳو اوهان جا خيال هئا: "پاڻ رهنداسين ته هتي ئي نا؟" مون يڪدم سوال ڪيو هو.

"نه، پاڻ انسبرگ هلي رهنداسين، جتي فرڊي ننڍو جو بنگلو آهي، اُن ۾ رهنداسين."

امان جو جواب ٻُڌي آءٌ سُن ٿي وئي هيس. منهنجي اکين اڳيان جڙ اونڌاهي اچي وئي هئي، ۽ پوءِ خبر پيم ته آءٌ ته واقعي بي هوش ٿي وئي هيس... آءٌ اِهو به ته نٿي بيان ڪري سگهان ته، ڪيترن ڏينهن تائين مون تي ڇا گُذريو ۽ ڪيئن مون ڪمزور ڇوڪريءَ پنهنجي وڏن خلاف بغاوت ڪئي هئي. هِن وقت به جڏهن اُن باري ۾ سوچيان ٿي ته منهنجا هٿ ڏڪڻ ٿا لڳن. ڏڪندڙ هٿن سان لکڻ ۾ به ڏُکيائي پئي ٿئي. آءٌ پنهنجو راز انهن تي ظاهر ڪري نٿي سگهيس. اُن ڪري منهنجي بغاوت منهنجي مزاج کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيو هو... آءٌ چُپ هيس ۽ اُنهن مون کي ٻُڌائڻ ڪانسواءِ انسبرگ وڃڻ جون تياريون پئي ڪيون. منهنجي اسڪول وڃڻ کانپوءِ اِهو سڀ ڪجهه ڪيو ويندو هو. روزاني اسڪول مان واپسيءَ تي اچي ڏسندي هيس ته گهر جي ڪا نه ڪا شئي غائب هوندي هئي يا وري اُن کي وڪيو ويندو هو. منهنجي زندگي درهم برهم لڳي پئي هئي... نيٺ هِڪڙي ڏينهن اسڪول مان واپس اچي،

ماني کائڻ ويٺيس تہ اوچتو ڏٺم فرنيچر وارا ڪمرو خالي ڪري رهيا هئا... اُن خالي ڪمري ۾ منهنجو ۽ اماں جو سفري بئگ ۽ بسترا رهجي ويا هئا... اُتي بس هِڪڙي رات گُذاري پوءِ انسبرگ روانو ٿيڻو هو.

اُن آخري رات، مون فيصلو ڪري ورتو هو تہ، اوهان جي قرب کان سواءِ ڪِٿي بہ رهي نٿي سگهان... توهان مون لاءِ ڪُل ڪائنات هئا. اُن اُداس لمحي ۾ مون ڇا ڪئي سوچيو ڪجهہ سوچيو بہ ڪئي الائي نہ، سوچڻ سمجهڻ سڀ ختم ٿي ويو هو. امان گهر ۾ هئي ڪانہ، آءٌ اڪيلي اسڪولي ڊريس ۾ ويٺي هيس. ڪا دير گُذري وئي هئي ۽ پوءِ پاڻ ميڙي سيڙي الائي ڪيئن اوهان جي دروازي وٽ اچي وئي هيس... تيز ڏڪندڙ هٿن پيرن کي جڏ ڪا چقمقي قوت ڇڪي اوهان جي دروازي وٽ وٺي آئي هئي. اُن لمحي مون سوچيو هو تہ، آءٌ پاڻ کي اوهان جي حوالي ڪري چونديس تہ، مون کي بہ پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. نوڪرياڻي جيان، ڪنهن ٻانهيءَ وانگر.

ڇاڪاڻ ٿي تہ اوهان پندرهن سالن جي ڇوڪريءَ جي جذبن تان ڪِلندا... ٿي سگهي ٿو نہ بہ ڪِلو. جيڪڏهن سمجهي سگهو تہ، سوچيو ڪيئن نہ اوهان جي دروازي اڳيان ٽڏي فرش تي اگهاڙن پيرن ٻيٺي هُيس... ڪيترا ٻيرا گهنٽي وڄائڻ لاءِ هٿ ڪنيم، پر بٽڻ کي زور ڏئي ڪانہ سگهيس... گهڻي دير ڪانپوءِ بٽڻ دٻايو هئم. (ايجان بہ اهو گهنٽيءَ وارو شور منهنجي ڪنن ۾ گونجي ٻيو...) گهنٽي وڄي چپ ٿي وئي هئي... سانت ۾ رڳو دِل جي ڌڙڪن پئي ٻُڌم. ڌڙڪنون جائتيون ڪري مون رڳو اوهان جي اچڻ جو آواز ٿي ٻُڌڻ چاهيو. خاموش ٿي ٻيٺي هيس، جڏ منهنجي رڳن ۾ رت رُڪجي ويو هو... ڪا مهل گُذري وئي هئي. پر اوهان نہ آيا هئا... اُن ٽپهريءَ جو اوهين ڪيڏانهن ويل هئا ۽ جان بہ گهر

۾ موجود نہ هو... بيهي بيهي پوءِ گهنٽي جو آواز ڪنن ۾ پائي خاموشي سان پنهنجي خالي گهر ۾ موٽي آئي هيس. اُن ڏينهن اُنهن چند قدمن جي مسافت ۾ به ٽڪجي پئي هيس. ٽڪل قدمن، منجهيل من سان بستر مٿان اچي ڪري پئي هُيس. جڙ ڪلاڪن جا ڪلاڪ برف مٿان پنڌ ڪري آئي هيس... مون نٽي چاهيو ته، اوهان سان مِلڻ ڪانسواءِ هو مون کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃن، اُن ڪري، بدن جو ٽڪ هوندي به مون اوهان سان ملڻ ٿي چاهيو... آءٌ اوهان کي اهو به يقين ڏياري سگهان ٿي ته اُن وقت مون وٽ هوس وارو جذبو نہ هو. ڇو ته آءٌ اُن عمل کان ئي اڻواقف هيس. منهنجي تصور ۾ تحيل ۾ اوهان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين هو... منهنجي خواهش هئي ته وڃڻ کان پهرين اوهان کي هِڪ دفعو ڏِسي وٺان، اوهان کي پاڪر پائي سگهان... ان رات. اٽڪُٽ ڳري رات ۾ آءٌ اوهان جو انتظار ڪندي رهيس... امان سمهي رهي هئي. آءٌ وڏي ڪمري ۾ اُن جاءِ تي اچي ويهي رهي هيس، جتان ويهي اوهان جو آواز ٻُڌندي هيس. جنوري جي اُن سرد رات ۾ آءٌ ٽڪجي پئي هيس. منهنجا عضوا سور ۾ وڻجي ويا هئا... ڪمري ۾ ڪرسيءَ به پيل نہ هئي جو ويهي سگهان. مجبوري ۾ پٽ تي ويهي رهي هيس ۽ پوءِ ليٽي پيس، دروازي جي هيٺان ايندڙ هوا مون کي تڪليف پهچائي رهي هئي. ڪپڙا به سنها پهريل هئم ۽ وري ڪا چادر به نہ ڪنئي هئم. آءٌ انهن سنهن ڪپڙن ۾ اُتي پئي هيس. مون گرم ٽيڻ نٽي چاهيو. گرم ٽيان ها ته ننڊ اچي وڃي ها ۽ مون سمهڻ نٽي چاهيو سُمهان ها ته پوءِ اوهان جي قدمن جو آواز نہ ٻُڌي سگهان ها. اُن سرد رات ۾ منهنجو جسم سُن ٿي ويو هو. آءٌ بار بار اُٺي بيهي ٿي رهيس. ڇو ته مون کي اوهان جو انتظار هو. پنهنجي قسمت جيان اوهان جو انتظار ڪندي رهيس.

نيٺ رات جا ٻہ يا ٽي ٽيا هوندا جو مون دروازي کُلڻ جو آواز ٻُڌو. آواز سان سيءُ جو احساس ختم ٽي وي ۽ عم. گرمي پاڻمرادو سڄي وجود ۾ ڊوڙي وئي هئي. مون آهستي آهستي دورازو کوليو تہ جيئن ٻاهر پهچان ۽ پنهنجو پاڻ کي اوهان جي حوالي ڪري سگهان. مون کي خبر نہ هئي تہ اُن جنوني جذبي واري حالت ۾ ڇا ڪري ويهنديس. مون قدمن جو آواز ويجهي کان ٻُڌو ۽ پوءِ هِڪ ميڙ بتي جي روشني ڏٺي لڳي. مون غور سان جانچيو اُهي اوهين هئا جيڪي دورازو کولي اندر آيا هئا... ها منهنجا محبوب! اُهي اوهين ئي هئا، پر اوهين اڪيلا نہ هئا. مون نرم نازڪ ۽ ۾ ڪندڙ سلڪ جهڙي سرسراهٽ جهڙو عورتاٽو آواز ٻُڌو هو. اوهان سان گڏ ڪا عورت ٻہ آئي هئي.

ڇئي نٽي سگهان تہ اُن رات جو پويون حِصو مون ڪيئن گُذاريو هو... ٻئي ڏينهن اٽين بجي انسبرگ روانا ٽي ويا هئاسين. يقين ڪريو مون ۾ ڪجهہ نہ بچيو هو نہ همت ۽ نہ وري طاقت...

منهنجو پار ڪالهہ رات مري ويو اُن ڪانسواءِ وڏيڪ جيئري رهيس تہ ڏاڍي اڪيلي ٽي پوندیس. سياٽي ڪجهہ ماڻهو تابوت کڻي ايندا ۽ منهنجي پار کي اُن ۾ وجهي کڻي ويندا. ڪي مٽ مائٽ گل کڻي ايندا. پر تابوت مٿان گُل وجهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ـ هو سڀ مختلف طريقن سان مون کي آٽت ڏيندا... لفظ رڳو لفظ.. لفظ.. ۽ لفظ...! لفظ ڇا ڪندا؟ آءٌ تہ بس اهو ئي ٽي چاڻان تہ هو وري موٽي نہ ايندو ۽ آءٌ ٻيهر اڪيلي ٽي ويندیس... بني نوح انسانن وچ ۾ رهي ٻہ اڪيلو هجڻ جهڙي هيبت ناڪ بي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪا نہ... اِها ڳالهہ مون اُنهن ٻن نہ ختم ٽيندڙ سالن ۾ ڇاتي هئي. سورنهن سالن جي عمر ڪان ارڙهن سالن تائين پنهنجن سان گڏ هوندي ٻہ آءٌ هِڪ قيديءَ جيان انسبرگ ۾

بند هيس ۽ زندگيءَ جا ڏينهن ننهن جان وڏي ڪنجي رهيا هئا، منهنجو ويڳو پيءُ هِڪ خاموش طبيعت وارو ٿور ڳالهائو ماڻهو هو. هو مون تي مهربان هوندو هو منهنجي ماءُ ۽ منهنجو تمام گهڻو خيال رکندي هئي، هوءَ اُن ڪري خيال رکي رهي هئي ته شايد هِن سمجهيو پي ته مون سان ناانصافي ٿي آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿي ايئن ڪري هنن ڪفارو پئي ادا ڪيو. امان منهنجي سيني خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار رهندي هئي. منهنجا هم عمر مون سان دوستي رکڻ جا خواهش مند هوندا هئا. مون اُنهن سيني جي آڇن تي منڊيئڙو ڦيري ڇڏيو هو. آءٌ خوش ڪيئن ٿي گُذاري سگهيس. اوهان کان پري رهي ڪيئن ٿي مطمئن ٿي سگهيس. مون پاڻ کي اذيتون ڏئي تنهائين ۾ گُم ڪري ڇڏيو هو. نوان ڪپڙا پائڻ ڇڏي ڏِنا هئم. موسيقيءَ جي محفلن ۽ ٿيٽرن ۾ ۽ ويڙ ڇڏي ڏِنو هئم. گهُمڻ ڦِرڻ تان دل ئي کڄي وئي هئي. آءٌ اُن نندڙي شهر ۾ ۽ سال رهيس. يقين ڪريو ته مون ۽ درجن رستا ۽ ڪونہ ڏِنا هئا، رڳو رنج ۽ غم منهنجي راحت جو سامان هئا. سڄو وقت رڳو اُن ڏُک ۾ گُذريو ته آءٌ اوهان کي ڏِسي ڪانہ پئي سگهيس...

مون فقط اوهان جو ٿي گُذارڻ ٿي چاهيو مون کي اصل قبول نہ هو ته مونکي ڪا ۽ شئي منهنجي مقصد کان پري ڪري. گهر ۾ اڪيلي ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن اوهان جي تصورن ۾ گُذاري ڇڏيندي هُيس. اوهان سان لاڳاپيل ڳالهين کي ياد ڪندي رهندي هُيس. هر پل، هر گهڙي اوهان جو انتظار ته هو اڪين کي. ڪجهہ ۽ ته نٿون ڪونہ هو. بس دماغ ۾ رڳو اوهان جو خيال هو جيئن پردي تي ڪا فلم هلندي آهي.

جڏهن اوهين منهنجي زندگيءَ ۾ آيا هئا، منهنجي ذهن ۾ اُن ڏينهن جي ياد محفوظ آهي، گُذري ويل سالن جو هِڪ لمحو ياد اٿم. جڏ

اهو سڀ ڪجهه ڪالهه جي ڳالهه آهي... منهنجي جند جڙ اوهان سان ئي واڳيل هئي. مون اوهان جا سڀ ڪِتاب خريد ڪيا. جنهن اخبار ۾ اوهان جو نالو پڙهندي هيس ته، اهو سڀڪجو ڏينهن خوشي ۾ ريو ڪُڏرندو هو. يقين ڪريو ته مون اوهان جا ڪِتاب وري وري پڙهيا هئا. ۽ اهڙي طرح پڙهيا جو مون کي برزبان ياد ٿي ويا آهن. جيڪڏهن هينئر ۽ ڪو مونکان پُڇي ته مونکي ان مان ڪا ست پُڏاءِ ته هوند آءٌ بنا رڪجڙ جي سڀ ڪجهه بلڪ پوڙو باب رواني ۽ سان پڙهي ڇڏيان. تيرهن سالن گُذرڻ جي باوجود اِهي مونکي ياد آهن، اوهان جو لڪيل هر لفظ مون لاءِ الهام رباني هو مون لاءِ دُنيا ۽ رڳو اوهان جي ڪري اهم هئي، نه ته ٻيو ڪجهه ۽ ته نه هو مون وٽ.

آءٌ ويانا جي اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ موسيقيءَ جي محفلن جون رپورٽون پڙهندي هيس، غور ڪندي هيس ته اوهان اُتي ڪهڙي شئي ۾ وڌيڪ دِلچسپي ورتي هوندي، خبر اٽوَ شام ٿيندي هئي ته آءٌ تصورن ۾ اوهان سان گڏ گهر ۾ داخل ٿيندي هيس، گهر ۾ اچڻ کانپوءِ پنهنجي جاءِ تي ويٺي چا ڪيوَ، ڪهڙو ڪتاب پڙهيوَ اهڙا هزارين خيال ايندا هئا. مون ڪيترا ٻيرا محفلِ موسيقي جي پروگرامن ۾ اوهان کي ڏِٺو هو.

آءٌ اهي سڀ ڳالهيون چو ٻئي ياد ڪريان، چا لاءِ اونداهيءَ جهڙي مايوسيءَ کي ياد ڪريان؟ ـ آءٌ اوهان کي سڀ ڪجهه چو ٻئي ٻُڌايان؟ اوهين جنهن کي ڪڏهن خواب ۾ ۽ منهنجي محرومي، منهنجي ڏکن ۽ پيڙائن جا خيال نه آيا هوندا. تڏهن آءٌ سترهن سالن جي الهڙ جوان هيس. جوبن جا ڏينهن هئا. نوجوان مُڙي مُڙي مون ڏانهن ڏِسندا هئا... مون کي خوشي ڪاڪ ٿيندي هئي. سندن ايئن ڏِسڻ مون کي وڌيڪ اڪيلو ڪري وجهندو هو... چو ته ڪنهن ٻئي سان محبت ڪرڻ، ٻئي

کنهن جي خيالن کي پنهنجي آس پاس پتڪ ڏيڻ، مون لاءِ جڻ حرام هو. ايستائين جو ڪير مون ڏانهن محبت سان ڏسندو هو تہ اهو بہ مون لاءِ جڻ عذاب هو. منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ محبت جو جذبو هميشہ شديد هوندو هو. بس رڳو اُن جي حالت ۾ تبديلي ايندي هئي... جيئن جيئن منهنجي جسم جي پرورش ٿيندي وئي، تيئن تيئن منهنجا حواس جاڳندا ويا. محبت وارو جذبو بہ گهري محبت ۾ تبديل ٿي ويو هو. جيڪا ڳالهہ هڪ معصوم ٻارڙي ۽ الهڙ ڇوڪريءَ کان لکيل هئي. جڏهن اِها ڳالهہ سامهون آئي، هڪدم آڳ اِها ڇوڪري نہ رهيس، جنهن اوهان جي گهر جي دروازي جي ڏور بيل وڄائي هئي. آڳ تہ اها ڇوڪري ٿي وئي هيس جنهن پنهنجو سڀ ڪجهہ اوهان کي ارپڻ ٿي گهريو. منهنجي مٿن مائٽن لاءِ آڳ حيادار ۽ شرميلي ڇوڪري هيس، پر سچ اِهو هو تہ، مون پنهنجو مقصد پاڻ کي ٻُڌاءِ ڇڏيو هو. منهنجو وجود، سڄي هستي، هِڪڙي نقطي تي بيٺل هئي تہ ويانا وڃان ۽ اوهان سان مِلي سڪون ماڻيان. جلد آڳ پنهنجي خواهش کي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. منهنجو اِهو عمل بين لاءِ مناسب هو. منهنجو ويڳو پيءُ مالي طور خوشحال ماڻهو هو. پنهنجي سڳي ڏيءَ جيان پائيندو هئم. پر مون کيس چيو تہ آڳ پنهنجي لاءِ پاڻ ڪمائڻ ٿي گهران، انهيءَ ڪري آڳ ويانا وڃڻ ٿي چاهيان. اُتي درزڪو ڪم سکنديس. پهرين تہ هُنن مڃيز ڪونہ پئي ۽ پوءِ نيٺ راضي ٿي ويا هئا.

مون کي اِهو ٻُڌائڻ جي ضرورت نہ آهي تہ جڏهن ويانا واپس پهتي هيس تہ، شام ۾ خزان جي هوائن جو اثر هو... اوهين چا ٿا سمجهو تہ منهنجا قدم پهرين ڪيڏانهن ويا هوندا!؟ ڪيڻن جي پيتي ڪمري ۾ ڇڏي هڪ ٽرام طرف ڀڳيس. ڪيڏو آهستي هلي رهي هئي. هر

بيهڻ ۾ هلڻ مونکي بيزار ڪري رهيو هو. نيٺ رستو ڪُٽو ۾ آءٌ ان گهر وٽ پهتس، منهنجي دِل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. اوهان جي گهر جي بتي ٻرندڙ ڏِسي ٿوري دير اڳ اجنبي لڳندڙ شهر، ڪن پل ۾ پُر رونق ۽ پنهنجو لڳو هئم. آءٌ وري زندهه ٿي پئي هيس ۽ چونہ ٿيان ها، اوهان کي جو ويجهو پهچي وئي هيس... اوهين جيڪي منهنجو خواب هئا. منهنجا محبوب! جڏهن اوهان جون نظرون منهنجي نظرن سان ٽڪرايون هيون، اُن وقت رڳو هڪ شيشي جي ديوار وِچ ۾ هئي... اُن وقت مون کي ايئن لڳو هو تہ هِڪ يت ناهي، جڏ جبل ۽ درياهہ وچ ۾ اچي ويا آهن... پر سچ پُچو مون لاءِ اهو ئي ڪافي هو تہ آءٌ اوهان جي دريءَ کي ڏِسي سگهان ٿي. ڪمري ۾ ٻرندڙ روشني اوهان جي هجڻ جو ثبوت هئي. اهو ڪمرو جيڪو اوهان جي رهائش هو. اها ئي تہ منهنجي دُنيا هئي. لڳاتار ٻن سالن کان، اُن رات جو خراب تہ ڏِسي رهي هيس. نيٺ اها گهڙي اچي وئي هئي. ان شام، جڏهن موسم خوشگوار هئي. آسمان تي ڪڪر چانيل هئا، آءٌ اوهان جي دريءَ وٽ بيٺل هيس... ۽ پوءِ بتي گُل ٿي وئي هئي.

هر روز شام جو ايئن ايندي هيس. ڇهين بجي تائين ڪم ختم ٿيندو هو. پر مون لاءِ اهو اهم هوندو هو جو تہ اُتي ٿيندڙ هُل هنگامي ۾ منهنجي اندر ڦهليل بي چيني لڪي ويندي هئي. شور مان نڪرڻ کانپوءِ جڏ ڊوڙندي پنهنجي محبوب جاءِ تي پهچي ويندي هيس. منهنجي خواهش هئي تہ اوهان کي هِڪ پيرو ڏِسان. پري کان ئي سهي پر هِڪ دفعو اوهان جو ديدار اکين کي پسائي اوهان جو چهرو اکين ۾ قيد ڪري وٺان... هفتي کانپوءِ اُها گهڙي آئي هئي ۽ آءٌ اوهان سان مليس. اوهين رستي جي هُن پار بيٺا هئا، اوهان کي جو ڏِٺم تہ آءٌ هڪدم

وري تيرهن سالن جي ٽي وئي هيس. جڏهن ته مون کي اوهان سان اکيون ملائڻ جو ڏاڍو شوق هو پر اُن لمحي مون نظرون جهڪائي ڇڏيون هيون. تيزيءَ سان گُذري وئي هيس، جڏ منهنجي پُنيان ڪوئي اچي رهيو هو. سچ پُڇو ته اُن شرمائڻ ۾ پڻ واري ڳالهه تي ڪاوڙ آئي هيم. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مون چاهيو چا ٽي؟

مون چا ٽي چاهيو؟ مون ته بس اوهان سان مِلڻ ٽي چاهيو. گُذري ويل ٽڪائيندڙ سالن کانپوءِ به اوهين مون کي سُجاڻي وٺو مون سان ملي، محبت ڪريو.. ڪيتري عرصي تائين اوهان مون کي ڪونه ڏِٺو هو جڏهن ته آءٌ روزاني گهر ٻاهران اُن دريءَ سامهون بيهندي هيس... مينهن وسندو هجي، برف پوندي هجي، ڇاهي ويانا جي سرد موسم جون ٽڏيون هوائون ڇو نه لڳنديون هُجن، پر آءٌ اُتي ضرور بيهندي هيس. ڪيترا ڀيرا ايئن به ٽيو ته اوهين پنهنجي ڪنهن دوست ڏانهن هليا ويندا هئا ۽ آءٌ پوءِ به اُتي بيٺي هوندي هيس. ڪلاڪن جا ڪلاڪ اوهان جو انتظار ڪندي گُذري ويندا هئا. هڪ ٻه ڀيرو ايئن به ٽيو اوهان هڪڙي عورت سان گڏ آيا هئا، اها به حقيقت آهي ته اُن وقت منهنجي اندر جي عورت جاڳي پوندي هئي. اوهان لاءِ منهنجا جذبا ڪجهه نوان ۽ مختلف هئا. اوهان جو هٿ ڪنهن ٻي عورت جي هٿ ۾ ڏِسي اندر ۾ جرَ وٽي وئي هئي. وجود ڏِگندڙ ٽانڊن تي محسوس ڪيو هئم. حالانڪِ مون لاءِ اهو سڀ ڪجهه نئون نه هو. ننڊپڻ کان ته ڏِسندي زهي هُيس ته اُن قسم جون ملاقاتون اڪثر اوهان وٽ ايندڙون هيون... پر اُن ڏينهن الائي ڇو اُن عورت کي ڏِسي ڏاڍي تڪليف ٽي هيئم ۽ اهو به سچ آهي ته اُن وقت منهنجي دِل ۾ هڪ ئي وقت حسد، سازِ ۽ شوق جا جذبا گڏ جاڳي پيا هئا. اها شام به ڪيڏي نه عجيب هئي، هڪ ٻي عورت سان اوهان جو

جسماني تعلق ڏسي ڪيڏو نہ اندر ۾ پڇري هيس. جواني ۽ جي هٽ ۾ دريءَ وٽ بيهي رهي هيس. اندر ۾ اُتليل ڪاوڙ مون کان سڪون کسي ورتو هو. آءٌ سڄي رات لُڇندي رهيس... ٻيءَ رات وري ساڳي عاجزيءَ سان معمول مطابق دريءَ وٽ بيهي اوهان جو انتظار ڪندي رهيس. ڇٽ سالن کان ان دريءَ وٽ بيٺل هجان.

نيٺ اهو وقت به اچي ويو. اوهان مون کي ڏٺو. مون پري کان اوهان کي ايندي ڏٺو ته پنهنجي سموري سگهه ميڙي پاڻ سان وچن ڪيو هئم ته ڇا به ٿي پئي اوهان جي راهه اڳيان ڪانه هٽندیس. عجيب اتفاق ٿيو هوءِ ڪيڏو حسين اتفاق هو جو شراب سان پريل ٽرڪ رستي تان اچي گُذري ۽ عين اُن وقت اوهان به منهنجي پر مان اچي گُذريا هئا. لاشعوري طور تي اوهان مون کي ڏٺو به هو... ايڏا پوريءَ طرح منهنجي چهري جي دلڪشيءَ کي محسوس به نہ ڪيو هو پوءِ به اوهان جي چهري تي اها ڪيفيت ظاهر ٿي پئي هئي، جيڪا عورت کي ڏسڻ کانپوءِ ظاهر ٿيندي هئي. اها ياد منهنجي روح ۾ بنهه اندر لهي وئي هئي. اوهان جي نظرن جي اها ياد هِڪ ئي وقت مون کي پاڪرن ۾ پري ورتو آهي. اُن ياد کي محسوس ڪري پاڻ کي محفوظ هُجڻ جو احساس به ٿيندو اٿم. اُن هِڪڙي ياد، مون کي ڇوڪريءَ مان عورت ۽ عاشق بڻائي ڇڏيو هو. اُن ڏينهن منهنجون نظرون اوهان تي ٽڪيل هيون، چاهيندي به هٽائي نہ سگهي هيس... اوهان اُتان گُذري به ويا هئا. منهنجي دِل ايڏو زور سان ڌڙڪي هئي جو مون کي پنهنجو هٽ ڇاتيءَ تي رکڻو پئجي ويو هو. مون مُڙي ڏٺو ته اوهان اُتي بيهي مون ڏانهن ڏسي رهيا هئا. اوهان جي نهارن مان اندازو لڳايم ته اوهان مون کي سُڃاڻي نہ سگهيا هئا. اُن ڏينهن ڇاڪ پوءِ به ته مون کي سُڃاڻي ڪونہ سگهيا هئا. اُن عمل سان ڪيڏو مايوس

ٿي هيس. ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالھہ آهي. اوهان مون کي ڪڏهن بہ ڪونہ سُجاتو. هاڻي اوهان جي سُجاڻپ کان سواءِ مري ويندیس. آءٌ اُن مايوسيءَ واري ڪيفيت کي ڪيئن بيان ڪريان؟

مون انسبرگ ۾ جيڪي ڏينهن گذاريا هئا اهي اوهان جي خيالن کان خالي نہ هئا. اوهان سان ويانا ۾ وري ملڻ هميشہ منهنجي ذهن ۾ رهيو. منهنجا تخيل منهنجي هر ڪيفيت، مزاج سان گڏ بدلجي رهيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن خوشيءَ ۾ري انجام جو سوچي خوش ٿيندي هيس. ڪڏهن وري پاڻ ۾ين کان گهٽ سمجهندي هُيس... ڪڏهن وري اهو خيال ننڍ کسي وٺندو هو تہ، اوهان مون کي ڇڙڻي ڇڏيندا، مون کان اُن شام جو اوهان جي نگاهن مون کي سچ ٻُڌائي ڇڏيو هو تہ اوهان وٽ معمولي تعلق بہ نہ آهي. اِهو پهريون ڀيرو هو جو حقيقت جي تلخي ٿي، پنهنجي تقدير جو اشارو سمجهي ورتو هو.

ہن ڏينهن کانپوءِ اوهان مون کي سُجاڻي ورتو هو. جڏهن ٻيهر ساڳي جاءِ تي گڏيا هئاسين، اُن ڏينهن بہ اوهان اُن معصوم ڇوڪريءَ کي ٿوري سُجاتو هو. جيڪا سالن کان اوهان کي چاهيندي رهي. چپ چاپ محبت جي ميدان ۾ هلندي رهي... اُن ڏينهن اوهان تہ اُن ارڙهن سالن جي دوشيزہ جي چهري کي سُجاتو هو. جيڪا بہ ڏينهن پهرين اوهان کي ساڳئي هنڌ تي ملي هئي. اُن وقت اوهان جي ڏِسڻ ۾ پيار جي جهلڪ هئي ۽ چَپَن تي مُرڪ... اُن ڏينهن بہ اوهان جي رفتار گهٽ هئي منهنجي دِلي خواهش هئي تہ اوهين مون سان ڳالهايو. سچ پچو تہ مون اُن ڏينهن محسوس ڪيو تہ آءٌ جيئري ئي اوهان جي لاءِ آهيان. اوهان سان گڏ هلي رهي هيس. بچڻ جي بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي هئم. مون اوهان جي قدمن جا آواز ٻُڌا پئي. الائي ڇو پَڪ ٿي وئي هئم تہ اوهين

مون سان ڳالهائيندا. اُن شديد اُميد جي ڪري منهنجا لڳ ڪانڌارجي ويا هئا. منهنجي دِل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. اوهين منهنجي ويجهو آيا تہ سُن ٿي وئي هيس. اوهان مون کان حال احوال پُڇيا. اوهان جو رويو اهڙو هو جڙ سالن کان مون سان شناسائي هُجي. پر سچ اهو آهي تہ اوهين مون کي سُڃاڻندا ئي نہ هئا. آڳ سُن هيس، پر اوهان جي پُڇڙ جو دلڪش انداز ڏِسي جواب ڏيڻ ۾ مون کي ذرو بہ گهبراهٽ کانہ ٿي هئي.. آڳ تہ بس ڏِسندي رهيس ۽ حيران هيس تہ اهو سچ آهي يا ڪو سپنو آهي.

ٻئي رستي تي گڏ هلڻ لڳاسين تہ اوهان چيو "رات جي ماني مون سان گڏ کائو" بنا ڪجهہ سوچڻ سمجهڻ جي راضي ٿي وئي هيس، اهو چا، آڳ تہ اوهان کي ڪنهن بہ ڳالهہ کان منع نہ ڪريان ها ۽ پوءِ پاڻ هڪڙي ننڍڙي ريسٽورينٽ ۾ گڏجي ماني کاڌي. اوهان کي اها ڳالهہ ياد نہ هوندي ۽ نہ اها جاءِ... ڇو تہ اوهان جي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ سوين ڳالهين مان هڪ ڳالهہ هوندي. آڳ تہ ڪجهہ بہ نہ هيس، ٻيون بہ تہ ڪيتريون ئي عورتون اوهان جي تفريح جو سامان بڻيون هيون. اُن شام اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهہ ٿي هوندي جو مون کي ياد رکيو هوندئي؟، مون تمام گهٽ ڳالهايو هو. آڳ تہ بس خوش هيس تہ اوهان جي پر ۾ آهيان. ڳالهيون ڪري رهيا آهيون، جڏهن دِل جي خواهش پوري ٿيندي آهي تہ اُن خوشيءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ڪُٽي ويندا آهن. مون سان بہ ڪجهہ ايئن ٿيو هو... آڳ ٿورائتي آهيان اوهان جي اُن سهڻي سلوڪ لاءِ، ڪڏهن بہ نٿي وساري سگهان. اوهان وٽ اٽوٽ اشتياق نہ هو نہ وري اُنهن جذبن جي ڪا ئي تڪڙ هئي... اوهان جو اهڙو سهڻو سلوڪ ڏِسي جيڪڏهن اوهان کي نہ چاهيندي هجان ها، تڏهن بہ اوهين مون کي فتح ڪري ونو

ها. آءٔ اوهان کي ڪيئن سمجهايان تہ مون لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪيڏو قيمتي هو. پنجن سالن جو انتظار ختم ٿيو هو اوهان سان ملڻ جي آس پوري ٿي هئي.

رات ڪافي گذري وئي هئي. ريسٽورينٽ جي دروازي تي اوهان پڇيو "ويجهہ جي ٽڪر تہ نہ آهي؟ ايجان ڪجهہ وقت مون سان گذارڻ چاهيو ٿيون؟"

"مون وٽ وقت ئي وقت آهي" مون چيو هو.

"پوءِ مون سان گڏ منهنجي ڪمري تي هلو".

اوهان جي جملي ختم ٿيڻ کان اڳ آءٔ راضي ٿي وئي هيس. منهنجي ايئن ها ڪرڻ تي اوهان کي حيرت ٿي هئي الائي نہ. آءٔ ڪجهہ بہ نٿي چئي سگهان. اوهين خوش هئا يا پريشان. سو تہ نہ پئي سمجهيم. پر اوهين تعجب ۾ ضرور پيا هئا. مون اُن رات ئي سمجهيو هو تہ عورت جي شديد خواهش هوندي آهي تہ هوءَ پنهنجي هستيءَ کي ڪنهن مرد جي حوالي ڪري ڇڏي. عورت جي خواهش هوندي آهي تہ رضامندي نہ هئڻ باوجود بہ ڪيس راضي ڪيو وڃي. ڪوڙو سچو پيار ڏيکاري. قسمن واعدن سان بہ ڪيس راضي ڪيو وڃي. آءٔ چاڻان ٿي تہ رڳو پيشہ ور عورتون ئي اُن قسم جي درخواست جو جواب صاف صاف لفظن ۾ رضامنديءَ سان ڏيندیون آهن يا وري نابالغ ڇوڪريون. اوهين اهو سمجهي ئي نٿي سگهيا تہ منهنجي اها رضامندي ابدي آرزوءَ جو آواز هئي. اُنهن جذبن جو آواز هئي. جيڪي سالن کان منهنجي اندر ۾ دٻيل هئا.

آءٔ پنهنجي معاملي ۾ پنهنجا طريقا استعمال ڪري اوهان جي ڏيان جو مرڪز بڻي هيس... پاڻ جڏهن گڏگڏ هلي رهيا هئاسين. گفتگو دوران مون محسوس ڪيو تہ اوهان هرهر ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان

مون کي جانچڻ ۽ پرکڻ جي کوشش ڪري رهيا هئا. اوهان جي تجربي اهو سمجهائي ورتو هو ته معمولي چوڪري پنهنجي اندر کو راز لڪايو ويٺي... اوهان جو به جنس وارو جذبو جاڳي پيو هو ۽ اوهان جي عقل پريل سوالن مان صاف ظاهر هو ته اوهان منهنجو راز حاصل ڪرڻ جي کوشش ڪري رهيا هئا، پر منهنجا سڀ جواب اوهان جي ڳالهه کي ٽاري رهيا هئا. پنهنجو راز ڏيڻ کان پاڻ کي بي وقوف ظاهر ڪرڻ بهتر سمجهيو هئم.

پاڻ اوهان جي گهر پهتا هئاسين... منهنجا محبوب! مون کي معاف ڪجو جي اوهان کي چوان ته اوهين سمجهي نٿا سگهو ته، اوهان سان وک ۾ وک ملائي هلڻ وقت ڪيڏي خوشي ملي هئي. خوشيءَ ۾ ڇڻ منهنجو ساهه ٿي نڪتو. اڄ به اهو ياد ڪري اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا آهن. منهنجي اکين ۾ پاڻي رهيو آهي، مون لاءِ اهو گهر اُن جي هر شئي منهنجي ننڍپڻ جي خواهشن جو يادگار هئي. دروازي جي سامهون ويهي، هزارين پيرا اوهان جي اچڻ جو انتظار ڪيو هئم. اُهي ڏاڪڻيون جتان مون اوهان جي قدمن جو آواز ڪنايو هو. اُتي پهريون پيرو اوهان کي ڏٺو هئم. مون کان نه دروازو، نه ڏاڪڻيون، نه فرش وسريو آهي، مون کان ته تالي ۾ چابي ڦيرڻ وارو آواز به اڃان ناهي وسريو. جيڪو مون کي ٻڌائيندو هو ته اوهين اچي ويا آهيو. منهنجي واڌ ويجهه ڇڻ انهن ڪجهه ڳالهين ۽ عملن ۾ ٿي رهي هئي... منهنجي سڄي زندگي اُتي ئي ته پکڙيل هئي. جيڪا هڪدم منهنجي اڳيان اُتي بيهي رهي هئي... ۽ اُتي به ڇو نه بيهي ها، آءٌ اوهان سان گڏ گڏ جو هلي رهي هيس... ٿورو سوچيو ته مون ڪيڏو نه انتظار ڪيو هوندو اُن هڪ گهڙيءَ جو... هونءَ ڳالهه ته معمولي آهي، پر اهو سچ آهي ته اوهان جي دروازي تائين

حقيقت ۾ واقعن جي دنيا پهتي هئي. اها مزي کان خالي روزمره جي زندگي جيڪا مون اُن دروازي جي سامهون ويهي گذاري هئي. اُن دروازي سان منهنجي ننڍپڻ جي تصورن جي طلسمي دُنيا شروع ٿي هئي. ڪيئن نه هِڪ هنڌ نظرون جمائي اوهان جو انتظار ڪندي هيس... انهيءَ دروازي مان اوهان سان گڏ داخل ٿي رهي هيس. ڏڙڪنون بي ترتيب ٿي ويون هيون. دماغ ۾ گوڙ شروع ٿي ويو هو... عجيب ئي ڪيفيت هئي. اوهين رڳو اُن هڪ گهڙي جي اهميت جو اندازو لڳايو ته ڪيتري اهميت هوندي اوهان جي.

اها رات مون اوهان سان گڏ گُذاري هئي. اوهان اهو سوچي به نه ٿي سگهيا ته اوهان کان پهرين منهنجي جسم کي ڪنهن ڇهيو يا ڏِٺو به هوندو. اوهين اهو به نه ٿي سمجهي سگهيا ته محبت جو راز فاش نه ٿي ويڙهواري ٻپ ۾ سڀ جذبا لڪائي ڇڏيا هئم. اوهان کي شڪ به ٿيو هو. اهو به سچ آهي ته اوهين رڳو اُن جي پرواهه ڪندا آهيو جيڪو آساني سان هٿ اچي ۽ وري واپس هليو وڃي. اوهان ٻين جي مسئلن ۾ نه پوڻ چاهيندا آهيو. اوهين ته بس چوڻ جي حد تائين چوندا هئا، باقي قرباني ۽ ايثار ڪڏهن نه ڪندا هئا... آءٌ ايئن چوان ته هڪ ڪنواري ڪنيا جي حيثيت ۾ مون پنهنجو پاڻ اوهان جي حوالي ڪيو هو ته اُن کي غلط نه سمجهو... ۽ نه وري اهو به چوندیس ته اوهان مون کي ورغلايو هو نه وري دوکو ڏِنو ۽ نه وري اغوا ڪيو هو. آءٌ ته پنهنجي قسمت ڳولهڻ نِڪتي هيس... مون وٽ مهرباني چوڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين هو. جو ڪجهه اُن رات اوهان مون کي ڏِنو اُن لاءِ تورا ئي ته مڃي سگهان ٿي، جو ته ان رات جڏهن اونداهيءَ اڌ رات ۾ منهنجون اکيون ڪُليون هيون، مون ڏِنو اوهين منهنجي پر ۾ هئا ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو ته جڏ آءٌ جنت

ھجان، حيران هيس تہ مون تي ستارا چونہ چمڪي رهيا هئا...

منهنجا محبوب! مون ڪي ڪو بہ پُڇتاءُ نہ آهي تہ اُن رات مون سڀ ڪجھ پنهنجو پاڻ اوهان جي حوالي ڪيو؟ جنهن پل اوهان جي پير ۾ سُتل ۽ اوهان جي ساهن جو سنگيت سُڻي رهي هيس، اوهان جي جسم ڪي ڇُهي پنهنجي اندر ۾ لهندو محسوس ڪري رهي هيس، تڏهن خوشيءَ وچان اکين مان نير ڪِري پيا هئم... لُڙڪ خوشيءَ جا هُجن يا ڏُک جا جڏهن اکين جا بند ٽوڙي نِڪرندا آهن تہ هِڪڙي راحت مِلندي آهي.

آءٌ صبح جو سويرَ اُن راحت کي ميڙي اُتان نِڪري وئي هيس، نِڪران ڪونہ ها، پر مون کي ڪم تي وڃڻو هو ۽ نہ وري مون چاهيو تي تہ اوهان جو نوڪر مون کي ڏِسي... ياد اٿوَ جنهن وقت وڃڻ واري هيس، اُن وقت اوهان مون کي پنهنجي ٻاکڻن ۾ پيري ورتو هو ڪا ديرَ مون ڏانهن ڏِسندا رهيا جڏ ڪا وِسريل ڳالھ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، يا منهنجي خوبصورتي ڏِسي رهيا هئا، ان سونهن ئي مون کي اها خوشي ڏِني هئي. هِڪ پيار پيري ڏُکي چُمي چَپَن تي ڏِني هيوَ وڃڻ مهل اوهان اڇي گلاب جا چار گُل مون کي ڏِنا هئا، اُن گُلدان مان ڪڍي، جنهن کي آءٌ ننڍپڻ کان سُڄاڻندي هيس، خبر اٿوَ اهي گُل مون ڏُکي عرصي تائين سنياليِ رکيا هئا.

هِڪ پيرو ٻيهر مِلڻ جو بندوبست ٿيو هو... اوهان هِڪ رات ٻي مون کي عنايت ڪئي هئي... " آءٌ ڪجھ عرصي لاءِ ويانا کان ٻاهر ويندس..." اوهان چيو هو.

هاءِ اوهان جي سفر کان مونکي هميشہ نفرت رهي... اُن ڏينهن اوهان واعدو ڪندي چيو هو تہ: "جڏهن بہ واپس موٽندس، اطلاع ڪندس." موڪلائڻ مهل اوهان وري گُل ڏِنا هئا.

هن مهينن ٽائين هر روز پنهنجو پاڻ کان پُڇندي رهيس... ڇڏيو ڪٽي آءٌ پنهنجي اُن اُميد ۽ ڪرب جو ذڪر ئي نٽي ڪريان... اُن مايوسيءَ جي شڪايت به نٽي ڪريان... آءٌ بس ايئن محبت ڪندي رهندیس. جيئن اوهين آهيو... ۽ مهينا ختم ٿيڻ کان اڳ اوهين اچي ويا هئا... اوهان جي گهر مان ايندڙ روشنيءَ مونکي اهڙو اطلاع ڏنو هو. اوهان مون کي کو به خط نه لِکيو هو. جڏهن ته مون ائڊريس به ڏني هئي. ڪيڏي نه ڏُک جي ڳالهه آهي. زندگيءَ جي هِن آخري گهڙيءَ ۾ مون وٽ اوهان جي هٿ اکرن ۾ لِکيل هِڪ سِٽ به نه آهي... بدقسمتيءَ جي ڳالهه آهي نه. جنهن ماڻهو کي پنهنجي زندگي ڏيو ويٺي آهيان. اُن جي مُون لاءِ لِکيل هِڪ سِٽ به نه آهي... آءٌ انتظار ڪندي رهيس. نه اوهان پاڻ وٽ گهرايو ۽ نه کو خط لِکيو.

منهنجو پيار. جيڪو ڪالهه مري ويو. سو اوهان جو اولاد هو. اوهان جو پُٽ هو... اُنهن ٽِن راتين مان ڪنهن هِڪ رات جو حاصل! اُن لمحي کان وٺي هُن جي جمڙ تائين آءٌ اوهان جي هُيس. صرف ۽ صرف اوهان جي... تڏهن ايئن لڳندو هئم. اوهان جي ڇُهڻ ڪانپوءِ مقدس ٿي وئي آهيان... مون لاءِ پلاءِ هو ممڪن ئي ڪيئن ٿي ٿي سگهيو ته ڪنهن ٻئي جي آڇيل محبت قبول ڪريان.

هو اسان جو پيار هو! منهنجي محبت ۽ اوهان جي بي پرواهي. عياشي ۽ اڻڄاڻائي ۾ ڪيل مهرباني جو حاصل! شايد اوهان کي حيرت ٿيندي ته. پهرين چوڪري بابت جو نه ٻُڌايم ۽ هاڻي چو ٻئي ٻُڌايان؟ ڏکي مائ ڪانپوءِ جڏهن هو هميشه لاءِ سُمهي پيو آهي... مون کان جُدا ٿي رهيو آهي. ڪڏهن به واپس نه ورڻ لاءِ...! آءٌ اوهان لاءِ اجنبي چوڪري هيس. جنهن پنهنجي شوق سان اوهان جي پاڪرن ۾ ٿي

راتيون گُذاريون هيون... آءُ چوڪري بابت ٻُڌايا به ها، ته به اوهين يقين نه ڪريو ها ته هِڪ گُمنام چوڪري جيڪا اتفاق سان مِلي، سا اوهان جهڙي بي وفا سان وفادار ڪيئن ٿي ٿي سگهي!؟. مون کي پَڪ هئي ته اوهان اُن ٻار کي ڪڏهن به پنهنجو تسليم نه ڪندا ۽ جي قبول ڪريو به ها ته اوهان جي دِل ۾ سڄي عمر اهو شڪ رهي ها ته منهنجا ڪنهن بي امير ماڻهوءَ سان لاڳاپا رهيا هوندا. اِهو شڪ ۽ بي اعتباريءَ وارو رشتو مون کان برداشت نه ٿئي ها. اُن ڪري ٻار بابت نه ٻُڌايم. چو ته آءُ اوهان کي گهٽو سُڃاڻان. شايد ايترو اوهين به پاڻ کي نه سُڃاڻندا هوندا. اوهان بي فڪري، آزادي ۽ آرام سان رهڻ جا شوقين آهيو ۽ اهو ئي محبت جو مفهوم آهي اوهان جي نظر ۾ ٿي سگهي ته اِهو ٻُڌي اوهين پاڻ کان نفرت ڪريو ها ته آءُ هڪ پُٽ جو پيءُ آهيان، گڏوگڏ اُن ٻار جي قسمت جو ذميوار به. اها به حقيقت آهي ته آزادي اوهان لاءِ ساهه کڻڻ وانگر آهي، ان ڪري منهنجي هستي اوهان لاءِ ڪنهن به قيد وانگر هُجي ها...! اوهين اندر ئي اندر ٻار سمجهي مون کان نفرت ڪندا رهو ها... ۽ يقين ڪريو ته منهنجي غرور جي تقاضا هئي ته آءُ سڄي زندگيءَ اوهان لاءِ ڪنهن مصيبت جو سبب نه بڻجان... مون ته سڀ ٻار پنهنجي ڪُلهن تي کڻڻ ٿي چاهيا، مون بس رڳو اهو ٿي چاهيو ته اوهان جو جن به عورتن سان تعلق هو اُنهن ۾ آءُ اڪيلي اهڙي هُجان جنهن کي اوهان محبت واري جذبي سان ياد ڪيو ڪيڈي نه بدقسمتي آهي ته اوهان کي منهنجو ڪڏهن خيال به نه ايندو هوندو آءُ ته اوهان کان وِسري وئي آهيان.

اوهان کي ڪو به الزام نٿي ڏيان ۽ نه ئي شڪايت پئي ڪريان... مون کي معاف ڪجو جي اوهان کي لڳندو هجي ته منهنجو قلم هاڻي

آهستي آهستي زهر پيو اوگاڇي، ڪيڏي نہ پيڙا آهي منهنجو پُٽ پنهنجي اولاد ميڙ بتين جي لُڏندڙ روشنين ۾ مُئو پيو آهي... مون خدا جي خلاف پنهنجون مُنيون ڪوڙي ورتيون آهن، آءٌ اُن کي پنهنجي پُٽ جو قاتل ڇوان ٿي، مون تي ڪا به ميار نہ ڪجو ڇو تہ آءٌ پُٽ جي غم سبب مَت ۾ ناهيان... وري اوهان کان معافي ٿي گهران تہ شڪايت پئي ڪريان... آءٌ اِهو به ڄاڻان ٿي تہ اوهان رحم دِل آهيون، سدائين ٻين جي مدد ڪندا آهيو اوهان تہ اٽڄاڙ ماڻهوءَ جي به هِڪ هڪل تي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهيو پر اِهو به مخصوص آهي، بلڪ اوهان جي رحم دِلي به سستيءَ جي عادي آهي. اوهين اُنهن جي مدد ڪندا آهيو جيڪي گهرندا آهن، ۽ مون کي اِهو مدد گهرڻ وارو طريقو عجيب غريب لڳندو آهي ۽ اوهين به اهڙي نموني مدد ڪندا آهيو جڏ جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا هجو اُن ڪري ئي مون ڪڏهن اوهان کان مدد ڪانہ گهري.

ڄاڻان ٿي تہ شڪ جي باوجود به اوهين منهنجي پُٽ کي پنهنجو ڇئو ها، منهنجي هر ممڪن مدد به ڪريو ها، مون کي آرام ۽ آسائشون به ڏيو ها، ان سڀ ڪُٽيان هِڪ بي چيني ۽ مصيبت کي ٽارڻ جي ڪوشش لڪيل هجي ها، يقين ڪريو تہ اِهو ٻار مون لاءِ سڀ ڪجهہ هو. اِهو جڏ اوهان جو ٻيو جنم هو... اوهان ئي هئا، پر اوهين جيڪي بي فڪر ۽ آزاد رهندا آهيو جنهن کي حاصل به نٿي ڪري سگهان، حاصل تہ ڇا اُن جي اميد به نٿي رکي سگهان، پر اهو ٻار اوهان جو اهو روپ هو جيڪو مون مان، منهنجي لاءِ جنميو هو. هِن جي صورت ۾ مون جڏ اوهان کي حاصل ڪري ورتو هو... خبر اٿوَ آءٌ پنهنجي جسم ۾ اوهان جي ڊوڙندڙ رت جي گردش کي محسوس ڪري سگهان ٿي. پيار مان هٿ

ڏيري پيار ڪري سگهان ٿي.

مون کي جڏهن خبر پئي هئي ته، آءٌ پيٽ سان ٿي وئي آهيان، تڏهن ايڏو ته خوش ٿي هيس جو اها خوشي لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهجي، ۽ اِهو ئي سبب آهي جو مون اُن خوشيءَ واري راز کي لڪائي رکيو. هن ڪانپوءِ اوهان اِهو عذر بہ نٿا ڪري سگهو ته اوهان منهنجا نہ آهيو. اوهين اِهو نہ سوچيو ته مون انتظار جا اهي مهينا ڪيئن گُذاريا هوندا. پر اهو بہ سچ آهي ته اهي سڀ لمحا، ڏينهن، هفتا ۽ مهينا مون لاءِ ايئن خوشيءَ ۾ گُذريا هئا. جيئن اُهي پهريان لمحا جڏهن اوهان مون منجهہ ڏڪيا هئا. مونکي ڏاڍين مشڪلاتن کي منهن بہ ڏيڻو پيو هو. آخري مهينن ۾ تي آءٌ ڪم تي بہ نہ وڃي سگهندي هيس. منهنجي ويڳي پيءُ جا مائٽ امان کي سڀ ڪجهہ ٻُڌائيندا هئا، پر آءٌ امان کان بہ پڇا نہ ونڊندي هيس. مون ته پنهنجا سڀ زيور ڪپائي پاڻ ۽ پنهنجي ٻچي کي سنياليو پئي. ويم کان هڪ هفتو اڳ مون وٽ ڪوڙ پڇا هئا، پر نوڪرياڻي اهي چوري ڪري ڇڏي وئي، مجبور ٿي مون کي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پيو. آءٌ ڏکي هيس، چوته پنهنجو ٻچو غريبن ۽ لاوارثن جيان اُن محتاج خاني ۾ جائو... اها ڪيڏي نہ منحوس جاءِ هئي. هر شئي اجنبي ۽ ويڳاڻي هئي. ڪيڏي بدبختي ۽ بدنصيبي هئي جو اسان ٻئي ماءُ پُٽ هڪٻئي کان اڻ ڄاڻ اُن ويڳاڻي جاءِ ۾ پيا هئاسين. اسان ٻنهيءَ جي دلين ۾هڪٻئي لاءِ نفرت جا جذبا هئا... ان واردِ ۾ رت ۽ ڪلوروفام جي ڏپ ڦهليل هئي. اسان ٻئي مصيبت جي رستي ۾ ڪنڊيل اڪيلا اُتي بي يارو مددگار پيا هئاسين. سرڪاري اسپتال جي واردِ ۾ بيڊ جي سيراندي ڪان لڳل تختي تي لکيل نمبر ڪانسواءِ ماڻهو پنهنجي شخصيت ۽ انفراديت وڃائي ويهندو آهي. سرڪاري اسپتال جي بيڊ تي پيل

مريض انسان ناهي هوندو. اهو ته بس تڑپندڙ گوشت جو ٽڪرو هوندو آهي. جنهن تي ڊاڪٽر تجربوءِ مشاهدو پيا ڪندا آهن...

آءٌ معافي ٿي گهران، نه ڪرڻ واريون ڳالهيون به ڪري ويس، پر هاڻ نه ڪنديس. وري سوچيان ٿي ته ڇا ڪريان، يارهن سالن کان چُپ رهي آهيان ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ هميشه هميشه لاءِ مائٽ پئجي ويندیس. مون فقط هڪ پيرو رڙيون ٿي ڪرڻ چاهيون ۽ ٻُڌائڻ ٿي چاهيو ته، اهو بار مون لاءِ ڪيڏو اُملهه هو. هو منهنجون خوشيون هو. پر هاڻ اهي خوشيون بي جان منهنجي اڳيان پيون آهن... آءٌ هُن جي چپن تي آيل مُرڪ ڏسي ڪجهه دير لاءِ اُهي سڀ ڏُک ۽ مصيبتون وِساري چُڪي هيس. هاڻ وري جڏهن هو مُئل منهنجي اڳيان پيو آهي تہ اِهي سڀ ڏُک هڪ پيرو بيهر موٽي آيا آهن. مون ته بس اِهو سڀ ڪجهه اوهان کي ٻُڌائڻ ٿي چاهيو نه وري ڪو الزام ڏيڻ ٿي چاهيو ۽ نه وري ڪڏهن منهنجي دِل ۾ اوهان لاءِ ڪو برو خيال ئي آيو هو. هيڏي ڪرب ۽ تڪليف مان گُذرڻ باوجود مون کي اوهان تي ڪاوڙ نه آئي... نه وري اُنهن راتين تي پڇتاءُ اٿم، جن راتين ۾ اوهان جي محبت مِلي هئي. آءٌ ته بس اهو ٿي ڄاڻان ته مون کي اوهان سان تمام گهڻي محبت آهي... مون لاءِ اِهو ممڪن ٿئي ته ڪر اِهو زمانو موٽائي آڻيان، جڏهن اوهين منهنجي زندگيءَ ۾ آيا هئا. ٿوري دير لاءِ ئي سهي، پر اُنهن گهڙين کي موٽائي آڻيان ۽ پوءِ پل ته سارو جيون جهنم ۾ بسر ڪرڻو پئي.

پنهنجو پار جنهن کي اوهان ڏِنو به ڪونہ، ڪالهه مري ويو. جڏهن مون وٽ آيو هو ته منهنجي هستيءَ تي اوهان جو جيڪو اثر هو سو لهي ويو هو. منهنجي دِل ۾ اِهو جذبو رهيو ئي نہ، رهي به ڪيئن ها مون وٽ ته منهنجو پُٽ اچي ويو ۽ مون اوهان ۽ هِن جي وچ ۾ پاڻ کي ورهائڻ نٿي

چاهيو. اُن کري مون پنهنجي هستي هن جي حوالي کري چڏي هئي. هن کي پيار کري سگهيس پي، هن کي منهنجي ضرورت هئي. اوهان کي تہ آءٌ ياد بہ نہ هُيس. اٽڪاڻ هئا. بي فکر ۽ آزاد هئا، پر هن معصوم کي منهنجي ضرورت هئي. مون کيس سيني سان لڳي پيار ٿي کيو تہ منهنجي سيني ۾ اوهان جي محبت جي جيکا تڙپ هوندي هئي، اُن کي مانو محسوس کندي هيس. ايئن لڳندو هئم تہ اوهان جي نئين جنم منهنجي قسمت ۾ لکيل تباهي ۽ بربادي ءَ کي مون کان پري کري چڏيو آهي، کڏهن کڏهن ايئن ٿيندو هو تہ منهنجا جذبا خيالن ۾ اوهان جي جاءِ تي پهچي ويندا هئا. باقي آءٌ سڄي جڙ هُن جي ٿي وئي هُيس. پر پوءِ بہ مون اوهان جي سالگرهہ تي اڇا گُل موکلڻ نہ وساريا هئا. جيکي توهان پهريون پيرو محبت جي نشاني ءَ طور ڏنا هئا.

اوهان اُنهن يارهن سالن ۾ هِڪ پيرو بہ نہ سوچيو هو تہ اهڙا اڇا گُل کير ٿو موکلي!؟ ـ پلا کڏهن اِهو ياد کيوَ تہ اهڙ اڇا گل اوهان کنهن چوکريءَ کي ڏنا هئا؟ ـ آءٌ اوهان کي ياد آهيان سو تہ نٽي جاڻان ۽ شايد کڏهن جاڻي بہ نہ سگهنديس، مون لاءِ اِهو کافي آهي تہ لاعلمي جي انڌيرن ۾ رهي اوهان کي گُل موکليندي رهان، محبت جي سال جي اُنهن حسين گهڙين کي بہ محسوس کندي رهان.

پنهنجي پار کي اوهان ڏِنو کونہ، کيئن نہ ننڍ مان جاڳڻ کانپوءِ هُن جي چپن تي مُرڪ جا نرم پوپٽ اچي ويهندا هئا. سندس کاريون اکيون جيکي اوهان جون اکيون هيون. اُنهن اکين سان هو مون کي ۽ دُنيا کي ڏِسندو هو تہ دِل ۾ محبت جا انيڪ نوان رنگ کِڙي پوندا هئا. هو تمام گهڻو خوبصورت هو... مون کي افسوس آهي تہ مون کيس اوهان کان لکائي رکيو..؟ جڏهن تہ مونکي پڪ آهي تہ اوهان کيس ضرور

محبت ڏيو ها، چو تہ اوهان جهڙو ئي تہ هو. شين سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيڏندو رهندو هو. ايئن جيئن اوهين زندگيءَ سان ڪيڏندا آهيو ۽ پوءِ سنجيده ٿي ڪِتاب پڙهڻ ويهي رهندا آهيو يا وري لکڻ کي لڳي ويندا آهيو. هو جيئن جيئن اوهان جهڙو ٿيندو ويو. آءٌ تيئن تيئن ساٺس وڌيڪ محبت ڪرڻ لڳي هيس. پڙهڻ جو به ڏاڍو هوشيار هوندو هو. فرانسيسي تہ ايئن ڳالهائيندو هو جڻ ڪوئل پئي ڪوڪي... ڪلاس ۾ سڀني کان وڌيڪ خوبصورت اکرن واريون ڪاپيون هن جون هونديون هيون. ايئن لڳندو هو جڻ ننڍڙو خوبصورت مرد هجي. گرمي جي موڪلن ۾ اسان سمنڊ ڪِناري ويندا هئاسين. اڪثر عورتون ڪيس روڪي سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرينديون هيون... سيمرنگ ۾ جڏهن برف تي ترڪڻ واري گاڏيءَ ۾ ويهي ترڪندو هو تہ ماٺهو ڪيس مُڙي مُڙي ڏِسندا هئا. هو بيحد خوبصورت، شريف النفس، بيحد دلڪش لڳندو هو. گُذريل سال جڏهن هو ڪاليج ۾ داخل ٿيو ۽ بورڊنگ هائوس ۾ رهڻ لڳو تہ اُتي ارڙهين صديءَ جي چوڪرن جهڙي وردي پائيندو هو. جنهن جي ورَ ۾ هِڪڙي ڇُري لڳل هوندي هئي... ڪيڏو سُهڻو پُٽ هو منهنجو...! پر هاڻ هو بي جان پيو آهي. سندس اکيون هئيڊيون ۽ رونق کان خالي ٿي ويون آهن.

اوهين حيران ٿيندا تہ مون پنهنجي پُٽ کي ايتري قيمتي تعليم ۽ تربيت ڪيئن ڏِني؟ اهو سڀ مون لاءِ ممڪن ڪيئن هو تہ شاهوڪار ماٺهن جي روشن زندگيءَ ۾ هُن کي مقام ڏياري سگهان!؟ سڀ ڪجهہ لکڻ ٿي گهران.

منهنجا محبوب! اوهان کان ڏور انڊيرن جي اوٽ ۾ ويهي، اوهان سان ڳالهائي رهي آهيان. بغير ڪنهن حياءَ ۽ شرم جي سڀ ڪجهہ

ٻڌائيندیس، بس مون سان نفرت نہ ڪجو... مون ... مون پنهنجو پاڻ ڪي وڪڻي چڏيو هو! پر منهنجا محبوب! مون ڪڏهن به پيشو نہ ڪيو هو بازاري طوائف نہ ٿي هُيس، پوءِ به مون پاڻ ڪي وڪيو هو. منهنجا عاشق سڀ امير ماڻهو هئا... پهرين مون کين ڳولهيو پوءِ هو مونکي ڳولهيندا هئا ۽ چو نہ ڳولهين اوهان تہ ڪڏهن غور نہ ڪيو هو آءٌ بيحد خوبصورت عورت هيس. مون جنهن ڪي به پاڻ اڇيو اِهو منهنجو ديوانو ٿي ويندو هو. اهي سڀ مون سان محبت ڪندا هئا. بس رڳو اوهان ئي نہ ڪئي، چو تہ آءٌ اوهان سان محبت ڪندي هيس... هاڻي جڏهن آءٌ اوهان ڪي سڀ ڪجهہ ٻڌائي رهي آهيان تہ ڇا اوهين مون سان نفرت ڪندا!؟ پر الائي چو يقين اٿم تہ اوهين ايئن نہ ڪندا. منهنجي خيال ۾ اوهان سمجهي ورتو هوندو تہ مون جيڪي ڪجهہ ڪيو سو سڀ اوهان جي محبت ۾ ڪيو هو. اوهان ۽ اوهان جي هي وجود لاءِ... مون جاتو پئي تہ ماڻهو هن غريبن جي دُنيا ۾ وڏيڪ مظلوم ٿي پيڙبو آهي... سو مون ڪي اهو قبول نہ هو تہ پنهنجو پُٽ بداخلاقن ۽ غريبن جي پاڙن ۾ رهي پرورش حاصل ڪري.. مون پاڻ سان وچن ڪيو هو تہ هن جا نرم ۽ نازڪ چپ لاوارثن واري هولي نہ سکندا. هن جو خوبصورت جسم غريبن جي سخت ننڍين وڏن ڪپڙن ۾ خراب نہ ٿيڻ گهرجي. هن ڪي هر شئي جو بهترين حِصو ملڻ گهرجي، مون چاهيو ٿي تہ هُن ڪي سڀ خوشيون مِلڻ گهرجن، ڪيس به اوهان جي نقش قدم تي هلي زندگي گُذارڻ گهرجي ۽ هن ڪي اِهو سڀ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ مون ڪي پنهنجو پاڻ وڪڻيو. اهڙي قرباني ئي تہ وڏي قرباني هوندي آهي. جن شين ڪي اسان رسمي طور عزت، غيرت ۽ بي عزتيءَ جو نالو ڏِنو آهي، اهي مون لاءِ بي معنيٰ هيون... منهنجي جسم جو ڪو مالڪ هو تہ اهي اوهين هئا بس. پر ڪيڏي

بدقسمتي آهي تہ اوهان کي مون سان محبت ئي نہ هئي... ان رويي کي محسوس ڪري ئي مون پنهنجي جسم کي غير اهم سمجهيو.. ۽ منهنجي جسم جي ڪري منهنجي سچاٽندڙن جون مهربانيون، ۽ نوازشون ۽ منهنجا نخرا ڪٽڻ واريون ادائون، سندن پرجوش جذبا بہ منهنجي دِل جي گهرائين تائين نہ پهچي سگهيا هئا. اُنهن ۾ ڪيترا اهڙا بہ هئا جن جي آءٌ عزت ڪندي هيس، نہ چاهيندي بہ سندن هڪ طرفي محبت سان همدردي رکندي هيس. هو سڀ مون تي مهربان هئا. اُنهن جي الفت ئي مون کي خراب ڪيو. هڪڙو تہ اهڙو بہ هو جنهن جي زال گُذاري وئي هئي. اِهو مون تي مهربان هو ۽ اُن ئي پنهنجا واسطا هلائي، پنهنجي پُٽ جي داخلا رکائي هئي. هن جي محبت هئي جو پي ٿي پيرا مونکي شادي جي آڇ بہ ڪيائين. آءٌ اُن سان شادي ڪريان ها تہ اڄ دولت مند عورت هُجان ها. دُنيا جي هنن جنهجڻن مان چُٽل هجان ها... هن جي صورت ۾ مون کي رحم دِل محبت ڪندڙ مڙس ملي وڃي ها ۽ منهنجي پُٽ کي هُن جي صورت ۾ مهربان پيءُ... آءٌ پنهنجي هوڏ تي بيٺل هيس، منهنجي انڪار جي ڪري ڪيس ڏُک پهتو هوندو. آءٌ اِهو بہ سمجهان ٿي تہ منهنجو اهو انڪار ئي وڏي بيوقوفي هو. جڏهن هُن جي شادي واري آڇ قبول ڪري ونان ها تہ هيئن نہ دربدر ٿيان ها، يقينن ڪِٽي محفوظ ۽ پرسڪون زندگي بسر ڪندي هُجان ها. منهنجو پُٽ بہ مون سان گڏ هجي ها... اوهان کان انڪار جو سبب نہ لکائيندس. انڪار جو سبب اِهو هو تہ مون نٽي چاهيو تہ منهنجا هٿ بڌجي وڃن ۽ آزادي کسجي وڃي. مون آزاد رهڻ چاهيو هو.

مون اوهان کان سواءِ پنهنجي دِل جي اٿاهہ گهرائين ۾ ڪنهن کي بہ محسوس نہ ڪيو هو. سواءِ نفس جي ان حِصي ۾ جيڪو شعور جي حدن

کان ٻاهر هو.

آءٔ ننڊپڻ کان اوهان جي آروزئن جا خواب ڏِسندي رهيس اُن اُميد ني ته هِڪ نه هِڪ ڏينهن اوهين پاڻ وٽ گهرائيندا... اُن هِڪ گهڙيءَ جي خيال ۾ مون هر شئي کي رد ڪري ڇڏيو هو. رڳو اُن ڪري ته آزاد هوندیس ۽ اوهان جڏهن به سڏيندا تڏهن لبيڪ چئي اوهان وٽ پهچي ويندیس. جڏهن کان عورت ٿي آهيان... تڏهن کان انتظار ۾ ئي ته آهيان... اوهان جي هِڪ نظر ۽ هِڪ اشاري جو انتظار...

نيٺ اها گهڙي به آئي، اوهان سان مِليس به پر مون کي سُجاڻي نه سگهيا... ڪيترا پيرا مِلياسين، محفل ۾ ٽئٽرن ۾ ۽ ٻين جاين تي به.. اُن وقت منهنجي دِل ايتري زور سان دڙڪندي هئي جڻ سينو چيري ٻاهر نِڪري ايندي. پر بدقسمتي ته ڏِسو اوهان ڏيان ڏيڻ کانسواءِ ئي اڳيان گُذري ويندا هئا... اُنهن ڏينهن مون ۾ ڪافي تبديلي اچي وئي هئي. ڪنواري ڪنيا مان عورت بڻجي وئي هيس. ماڻهو چوندا هئا. "هڪ حسين عورت خوبصورت ۽ نفيس لباس پاتل اٿس" منهنجي آس پاس مداحن جو هِڪ هجوم گڏ هوندو هو... اُتي اوهان هِڪ شرميلي ڇوڪريءَ کي ڪِٽي ٿي سُجاڻي سگهيا، جنهن کي اوهان پنهنجي بيڊ روم ۾ زيرو بلب جي روشنيءَ ۾ ڏِٺو هوا؟ ڪيترا پيرا ايئن به ٿيو. مونسان گڏ منهنجو ساٿي اوهان کي سلام ڪندو هو. جواب ڏيڻ وقت، اوهان جون نگاهون مون تي هونديون هيون، پر اُنهن نگاهن ۾ اجنبيت هوندي هئي... هاءِ... ! ڪيڏو ڏور، پولارن کان به پري هيون اُهي نگاهون جن ۾ مون لاءِ ڪڏهن آشنائي هوندي هئي... مون کي ياد آهي، هڪ ڀيري هڪڙي محفل ۾ اوهين منهنجي پر ۾ ويٺا هئا. گيت ختم ٿيو. محفل ۾ تاڙين جي گونج ٿي وئي، پر اوهان جي ٻانهن ڪرسيءَ تي رکي هئي.

منهنجي دِل چاهيو اُن کي چمي وٺان.. محفل عروج ڏانهن وڌي رهي هئي. منهنجي خواهش بہ شديد ٿي رهي هئي. الائي تہ ڪيئن ڏکندي ڏکندي پاڻ کي روڪيو هئم. ڪيڏو پر ۾ ويٺل هئا، پر ڪيترو پري ۽ اٽڄاڻ هئا، مون کان...!

اِها گهڙي هِڪ پيرو ٻيهر آئي هئي، پر صرف هڪ دفعو...! سال ڪن اڳ جي ڳالهہ آهي، اوهان جي سالگرهہ جو ڏينهن هو. اُن ڏينهن منهنجو ڏيان پهرين کان وڌيڪ اوهان ڏانهن هو ۽ چو نہ هُجي، اوهان جي سالگرهہ ڪنهن وڌي ڏينهن جيان تہ ملهائيندي هيس... اُن ڏينهن صبح سان اڇا گل وٺڻ ويس. ان ڪانپوءِ ٻنهپرن جي وقت پنهنجي پُٽ کي گهمائڻ ويس، اسان سئنيما وياسين، گڏجي چانهہ پيتي، مون چاهيو ٿي تہ هو اُن ڏينهن کي پنهنجي جوانيءَ جي پراسرار سالگرهہ جو ڏينهن ڪري ملهائي، جيتوڻيڪ هُن کي سالگرهہ بابت ڪا بہ خبر نہ هئي... پيو ڏينهن، مون پنهنجي اُن گهري دوست سان گُذاريو جيڪو واپاري هو. اُن سان بن سالن کان گڏ گُذاري رهي هيس، هو مون تي فدا هو هُن بہ مون سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي، مون ان سان بہ انڪار ڪري ڇڏيو هو. هو حيران هو انڪار جو سبب سمجهي نہ پئي سگهيو. جڏهن تہ آءٌ ۽ منهنجو پُٽ هن جي تحفن ۽ مهربانين جي بار هيٺان دٻيل هئاسين... هِن جي شديد محبت ڏِسي ساڻس محبت ٿي وڃڻ ڪيندي هئي. اُن ڏينهن هن سان گڏ ناچ گهر آئي هيس. اڪثر ڪري اهڙين جاين تي وڃڻ کان لهرائيندي هيس. پر اُن ڏينهن الائي تہ ڪهڙي اندروني طاقت مون کي اُتي ڇڪي وٺي آئي هئي. خبرناهي ڪهڙي خواهش جي زور تي اُتي اچي پهتي هيس... ارغواني شراب پي مسرت پي ماڻيم.. ڪجهہ وڌيڪ پي وڃڻ ڪري مون تي عجيب جنوني ڪيفيت طاري ٿي وئي

هئي. اهڙي حالت کان اڳ واقف نہ هيس. مون هِڪ ٻيو پيگ پيتو ۽ هلندڙ گاني جي ڌُن تي مست ٿي نچڻ لڳيس... نچندي نچندي اوچتو منهنجو جسم جڙ سڄو ٺري ويو هو... مون مشڪل سان پاڻ کي سنياليو... اوچتو ڏِٺم تہ اوهين مون کي گهوري رهيا آهيو يقين ڪريو سڄي ڏکي وئي هيس. يڪو مون ڏانهن گهوري رهيا هئا. آءٌ اُنهن نگاهن ڏانهن ڏِسي ڪانہ سگهي هيس، جن سدائين منهنجي وجود ۾ عجيب هلچل مچائي هئي. حيران هيس، پنهنجي فطرت جي اٽڪاتل جذبي تحت ڏهن سالن ۾ اوهان پهريون ڀيرو مون کي ڏِسي رهيا هئا. آئون سڄي ڏکندي رهيس، منهنجي هٿ مان شراب جو پيالو ڪِري پيو هو... منهنجي اهڙي حالت، منهنجي واقفڪارن کانہ ڏِني، ڏسن ٻہ ڪيئن ها هو تہ پنهنجي مستيءَ ۾ مست هئا.

اوهان جي نگاهن ۾ جوش هو جنهن منهنجي جذبن کي بي ترتيب ڪري وڌو هو. آءٌ سمجهي نہ پئي سگهيس تہ اوهان مون کي سُڃاڻي ورتو آهي يا فقط اُن عورت کي گهوري رهيا هئا، جيڪا اوهان لاءِ اجنبي هئي. منهنجا ڳل ڳاڙها لڳا پيا هئا. پاڻ سنياليڻ ۾ پوري هيس جو اوچتو اوهان هڪ ڳجهو اشارو ڪيو. آءٌ سُڪ ٿي وئي هيس. اوهان دوستن کان موڪلائي بل ادا ڪري ٻاهر نِڪرڻ لڳا تہ وري اوهان پنهنجي پُٽيان اچڻ جو اشارو ڪيو... اُن وقت منهنجي حالت اُن مريض وانگر هئي، جنهن کي سيئو تپ چڙهي وڃي ۽ هو هلڻ کان لاچار ٿي پئي. آءٌ ٻہ اهڙي حالت مان گُذري رهي هيس. سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ پئي آيو. تڏهن اوچتو شيدي نسل جي ٻن ڇوڪرن پنهنجي انداز ۾ هُل بکيڙو ڪندي نچڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو. اُن موقعي جو فائدو وٺي پنهنجي واقفڪارن کي ٻن منٽن جو چئي ٻاهر نِڪري آيس... اوهين وراندي ۾ بيٺا هئا. مون

کي ڏسڻ سان اوهان جو چهرو چمڪي پيو هو. مُرڪي مون سان مِليا. جنهن مان صاف ظاهر لڳو پئي تہ اوهان مون کي سچاتو نہ آهي... نہ اُن زماني جي نندڙي ہارڙي کي، نہ ئي وري اُن جوان چوڪريءَ کي (جنهن اوهان سان ئي رڳو اوهان سان محبت ڪئي هئي). ان ڏينهن آءٌ اوهان لاءِ نئين ملاقات هيس...

"چا اوهان مون سان ڪلاڪ کن گُذاري سگهو ٿيون؟" اوهان اهڙي مطمئن ڪندڙ لهجي ۾ پُڇيو هو جو اُن مان صاف ظاهر هو تہ اوهان مون کي سچاتو نہ هو بلڪ اهڙي عورت تصور ڪري رهيا هئا، جنهن کي ڪو بہ هِڪ رات لاءِ خريد ڪري پئي سگهيو.

"هائو چو نہ." مون چيو هو. اها ئي ڏکندڙ "هائو" جيڪا ڏهہ سال پهرين جواني ۾ اوهان ٻُڌي هئي. "ڪڏهن ملندين؟!":

"جڏهن اوهان چئو". منهنجو جواب ٻُڌي ٿورو حيران ٿيا هئا. پر مون وٽ اوهان لاءِ شرم حياءُ، حجاب ڪجهہ بہ نہ هو. تڏهن تہ چيو هئم "هاڻي" اوهين هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي ويا هئا. جڏ تعجب ۾ شڪ ۾ گم ٿي ويا هجو.

"هائو."

"چگو هلو." مون چيو. آءٌ ڪپڙن واري ڪمري ڏانهن وڌيس تہ ياد اچي ويم. آءٌ تہ پنهنجي واپاري دوست سان گڏ آئي هيس ۽ ڪپڙن واري ڪمري جي ٽڪيٽ تہ هن وٽ آهي. هُن ڏانهن وڃڻ ۽ ٽڪيٽ گهرڻ نامناسب هو ۽ اهان سان گڏ گُذارڻ واري اُن موقعي کي وڃائڻ نٿي چاهيم. جنهن جو سالن کان مون کي انتظار هو... مون پنهنجي شال سنياليِ ۽ هر شئي کان بي خبر ۽ لاپرواهہ ٿي ماڪ ۾ رينل رات ۾ اوهان سان گڏ هلي پيس. هُن نيڪ، شريف ۽ پيار ڪندڙ ماڻهو کي بنا ٻُڌائڻ

جي اوهان سان گڏ هلي پيس، جنهن سان سالن کان گڏ پي گُذاريم، جنهن کي سيني ماڻهن جي سامهون چڏي اوهان سان نِڪري آيس. مون ته اهو ڪونہ سوچيو هو ته هُن جا دوست ڪيس ڪيڏي نفرت ۽ حقارت سان ڏِسندا ۽ چوندا ته ڪيئن نہ جوٽهس اڪيلو چڏي ٻئي سان هلي وئي. مون دِل ئي دِل ۾ پاڻ تي ملامت پئي ڪئي ته مون شريف دوست سان ڪيڏي نہ ڪميٽائپ ڪئي آهي. ڪيڏي نہ بي قدري ۽ احسان فراموش آهيان... مون اِهو بہ ڄاتو پي ته منهنجو اهو عمل مون کي هُن کان پري ڪري چڏيندو مصيبتون مون تي ڇُپ وانگر ڪرڻ لڳنديون... ڪجهہ بہ تہ ياد نہ رهيو هئم تہ هُن جو پيار دوستي!؟ ياد هو تہ بس اوهان جو اوچتو مِلي وڃڻ. مون هڪ پيرو ٻيهر اوهان جي چپن جو ڇهاءُ محسوس ڪرڻ ٿي چاهيو مون تہ بس رڳو اِهو پئي سوچيو تہ اوهان جي آواز ۽ لهجن کي ٻيهر ٻُڌان...

(.... ۽ هاڻ جڏهن سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو آهي، تڏهن ٻُڌايان پئي، مون کي اوهان سان ڪيتري محبت هئي ..... آهي. مون کي ايترو يقين آهي جي اوهين مون کي هينئر موت جي بستري تان سڏيو تہ مون ۾ ايتري طاقت اچي ويندي جو آءٌ اُتان بہ سڏ ۾ سڏ ڏيئي اُٿي بيهي رهنديس).

ان رات پاڻ ڪرائي جي گاڏيءَ ۾ ويهي اوهان جي گهر پهتا هئاسين. اُن ڏينهن وري اوهان جو آواز ٻُڌي جذبن ۾ ساڳئي شدت اچي وئي هئي. هڪ خوشي هئي، عجيب ڪيفيت هئي جڏ نشي واري ڪيفيت ۾ هجان. آءٌ اُن خوشيءَ واري ڪيفيت کي بيان نٿي ڪري سگهان. اُن ڏينهن، مون هِڪ ئي وقت ماضي ۽ حال ۾ زندگي گُذاري هئي. منهنجي سڄي هستي جڏ اوهان ۾ گم ٿي وئي هئي... اوهان جي ڪمري ۾ ڪجهہ تبديلي اچي وئي هئي. تصويرون وڌي ويون هيون، ڪِتاب بہ تمام گهڻا

هئا. فرنيچر ۾ به هڪ به شيون نيون پئي لڳيون، پوءِ به هر شئي ڄاتل سُجاتل پئي لڳي. ميز تي گُلدان رکيل هو اُن ۾ اُهي اڇا گل پيل هئا، جيڪي هِڪ ڏينهن اڳ مون موڪليا هئا... اُن عورت جا يادگار جيڪا اوهان کان وِسري وئي هئي... پر اها ساڳئي گُلن موڪلڻ واري اوهان جي سامهون هئي. جنهن کي اوهان چميو پئي، آءٌ خوش هيس ته منهنجا موڪليل گُل اڇا اُتي هئا. منهنجو ءِ منهنجي محبت جو نه ته گهٽ ۾ گهٽ اوهان منهنجي هڪ شئي جو ته قدر ڪيو جيڪا منهنجي خوشي هئي. جنهن کي مون زندگيءَ جي ساهن جيان پئي سمجهيو.

اوهان مون کي پنهنجي پاڪرن ۾ پري ورتو هو. سڄي رات اوهان جي آغوش جي گرم نرم ڇهاءُ ۾ رهيس، پر پوءِ به اوهان مون کي سُجاڻي نه سگهيا هئا. اوهان جي چمين ءِ تڪين ڪري ڏکي رهي هيس. اهو سڀ ڏِسڻ ڪانپوءِ اوهان جو رويو مون سان محبوبہ وارو ٿي ويو هو. بازاري عورت جهڙو نہ... اوهين ناڇ گهر مان آندل عورت تي مهربان ٿي پيا هئا. اوهان مون سان شريفاڻو رويو رکڻ پئي چاهيو... اوهان جذبن سان ڀرپور خوشي ماڻي رهيا هئا. آءٌ اوهان جي جنسي ءِ جسماني فطرت کان واقف هيس. اهڙن فطري جذبن جي سرشاري مون ۾ پئي ڪنهن مرد ۾ ڪانہ ڏِٺي هئي. اوهان ۾ مِلي پاڻ وِساري ويٺي هيس. آءٌ ڪير هيس!؟ معصوم جذبن واري ڇوڪري؟ اوهان جي ٻار جي ماءُ!؟ يا هڪ اجنبي عورت!؟ اُن حيران ڪندڙ رات ۾ سڀ ڳالهيون مِلي هڪ جذبي ۾ گم ٿي ويون هيون. اُن سرمستيءَ واري جذبي لاءِ منهنجي خواهش هئي ته اها خوشي ڪڏهن به ختم نہ ٿئي، هميشہ رهي پئي... پر ايئن نہ ٿيو نيٺ صبح ٿي ويو. پاڻ ديرسان اُٿيا هئاسين... ناشتي جي ٽيبل تي پاڻ هلڪي ڦلڪي گفتگو ڪئي هئي. اُن صبح اوهان بي حجاب ٿي نہ ڳالهايو هو ءِ نہ وري

مون بابت فضول سوال ڪيا هيوَ نہ مون کان نالو پُڇيو هو ۽ نہ وري ائڈريس...

آءٌ تہ اڳ جيان اوهان کي اوچتو مِلي ويل شڪار هُيس، هڪ گُمنام عورت، بس هِڪڙي پرجوش گهڙي، جيڪا گُذري وئي هئي ۽ پنهنجو ڪو نالو نشان بہ نہ ڇڏيو هئائين. آءٌ بيحد خوش هيس، پر منهنجي خوشي اُن وقت ڦلهيار ٿي وئي هئي جڏهن اوهان ٻُڌايو تہ "اتر آفريڪا پيو وڃان ٽِن ڇئن مهينن لاءِ" سچ اِهو ٻُڌي خوشي پور پور ٿي وئي هئي.

ماضي... ماضي... رڳو ياد ماضي آهي ۽ فراموشي آهي، اُن ڏينهن منهنجي دِل ۾ آيو اوهان جي پيرن ۾ ڪِري پوان. منٽون ميڙون ڪريان تہ مونکي پاڻ سان گڏ وٺي هلو... اِهو سڀ ڪجهہ ڪريان ها تہ اوهان کي هميشہ ياد رهان ها ۽ ڪِٽي بہ مون کي سڃاڻي وٺو ها، پر مون ۾ ايتري همت ڪِٽي هئي جو اِهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهان ها، ڊڄڻي ۽ ڪمزور هئڻ باوجود بہ ايترو چيو هئم "افسوس!" اوهان مرڪندڙ اکين سان مون ڏانهن ڏِٺو هو ۽ پڇيو "سچ ۾ توکي افسوس آهي؟" ڪا دير ڪجهہ بہ نہ ڪيڻي سگهيس، بس يڪو اوهان ڏانهن تڪيندي رهيس... ۽ گهڻي دير ڪانپوءِ لفظ نڪتا هئم "آءٌ جنهن ماڻهوءَ سان سالن کان بلڪ ازل کان محبت ڪندي رهي آهيان، اهو سدائين سفر ۾ رهيو آهي". مون اوهان جي اکين ۾ اکيون وجهيو پي ڳالهايو ۽ دِل ۾ سوچيم پئي تہ "اجهو مون کي سڃاڻي وٺندا، پر ايئن نہ ٿيو... اوهان مُسڪرائيندي وراٽيو. "ڪا ڳالهہ نہ آهي، ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ انسان واپس اچي ويندو آهي". "هائو بلڪل! واپس موٽي تہ ايندو آهي پر سڀ ڪجهہ وساري ڇڏڻ ڪانپوءِ." مون اِهو سڀ ڪجهہ ڪنهن جذبي جي

شدت کان چيو هو منهنجي لهجي جو اوهان تي اثر ٿيو هو جو اُٿي بيهي رهيا هئا ۽ پوءِ پنهنجائپ ۽ پاڻهه مان منهنجي چهري کي ڏسي چيو هو. "سُنيون شيون وِسرنديون نه آهن، آءٌ توکي کڏهن به کونه وِساريندس." اُن وقت جنهن نموني مون کي ڏسي رهيا هئا، ڇڻ منهنجو عڪس پنهنجي اکين ۾ چٽي رهيا هئا. اندر ۾ بنهه گهرائين تائين لهي ويندڙ اوهان جون نگاهون ڏسي لڳو هئم، "اجهو ٿا سُجاڻو". پر ايئن نه ٿيو. آءٌ انتظار ۽ اميد جي وچ ۾ لٽڪيل رهجي ويس. اوهان مون کي سُجاڻي نه سگهيا... اُن وقت اوهان جي اکين ۾ لهي محسوس کيو ته، اُن ڏينهن جيڏي اجنبي هيس، اوڏي اڳ کڏهن به نه هيس... سجاڻو ها ته ايئن نه ڪريو ها، اوهان مون کي چُمي ڏِني... پرجوش چُمي.... منهنجا وار وِکري ويا هئا. آئيني آڏو ويهي وار سنوارڻ لڳيس... پاڻ کي جڏهن جانچي ڏِٺو هئم ته شرم ۽ نفرت جي جذبي ۾ وٺجي وئي هيس... آئيني مان ئي ڏِٺو هئم اوهان منهنجي دستانن ۾ به نوٽ پئي رکيا... اِهو ڏِسي عجيب ڪيفيت ٿي وئي هئي، الائي ته ڪيئن پاڻ کي روڪيو هئم... پاڻ کي نه جهليان ها ته ڪر اوهان کي زوردار چمات هڻي ڪيان ها...! اوهين ته اُن رات جي قيمت ڏئي رهيا هئا... جيڪا مون اوهان سان گذاري هئي.... مون کي ڪيئن ٿي قيمت ڏئي سگهيا. آءٌ جيڪا ننڍپڻ کان اوهان جي عشق ۾ گرفتار رهيس، آءٌ جيڪا اوهان جي پار جي ماءُ آهيان... پر افسوس! آءٌ ته اوهان لاءِ بازاري هيس... عياشيءَ جو سامان جيڪو ناڇ گهر ۾ مِلي ويو هو... اوهان مون کي ذليل ڪيو هو پئسا ڏئي، مون جلدي جلدي پنهنجو سامان ڪنيو ۽ اُتان جلدي نِڪرڻ چاهيم، مُڙي جو نيهاريم ته ميز تي رکيل گُلدان جي گُلن تي نظرون جمي ويون هيون... مون گلن کي ڏِسي هِڪ پيرو ٻيهر اوهان کي ياد ڏيارڻ جي

کوشش کئي. "چا اوهان مونکي گُل ڏيندا؟"، "هاها چو نہ." اوهان گُلدان مان سڀ گل کڻي مون کي ڏيندي چيو "هي شايد ڪنهن عورت جا موڪليل آهن".

"ڪنهن اهڙي عورت جا، جيڪا اوهان سان محبت ڪندي آهي."

"هائو شايد" اوهان چيو.

مون ڏيان سان اوهان ڏانهن ڏِٺو هو "مطلب تہ اُن عورت جا موڪليل گُل تہ موجود آهن، پر هوءَ ويچاري اوهان کان وِسري وئي آهي." اوهين حيران ٿي ويا هئا... مون وڌيڪ چتائي اوهان کي ڏِٺو هو... منهنجي دِل ۾ اکين کي اِهو انتظار هو تہ اجهو ٿا مون کي سُڃاڻو ۽ مون کي ياکر پائي چوندا، "مون توکي سُڃاڻي ورتو آهي". پر ايئن نہ ٿيو ۽ آءٌ هميشہ جيان اڻڄاتل رهيس... اوهان مون کي بيهر چمي ڏِني هئي...

آءٌ ڪمري مان ٻاهر نہ سگهي هُيس، تيزيءَ سان ڪمري مان نِڪري آئي هيس. منهنجون اکيون پرجي آيون هيون ۽ مون نٿي چاهيو تہ اهي لُڙڪ اوهين ڏِسو جيئن ڪمري مان نِڪتيس تہ دڙام سان اوهان جي نوڪر مٿان وڃي ڪري هيس. هو حيران هو. آءٌ اُٿي بيٺيس تہ هو منهنجي اڳيان هٿي پري ٿي بيهي رهيو... تيزيءَ سان گذرندڙ ان گهڙيءَ ۾ مون هِن ڏانهن روئيندڙ اکين سان ڏِٺو هو. هُن مون کي سُڃاڻي ورتو هو جنهن نديءَ ۾ مونکي ڏِٺو هو وري اُن ڏينهن ڏِٺو تہ هڪدم سُڃاڻي ورتو... آءٌ سندس شڪرگذار آهيان تہ هن مونکي سُڃاتو... اوهان جا ڏنل نوٽ مون هُن کي ڏئي ڇڏيا هئا. ڇو تہ اُهي مون کي تڪليف ڏئي رهيا هئا... هُن مون ڏانهن ڇتائي ڏِٺو هڪ گهڙيءَ ۾ ايترو سمجهي ويو. جيڪو اوهان سڄي عمر نہ سمجهي سگهيا هئا. هر ماڻهوءَ مون کي سڃاتو منهنجي تعريف ڪئي، اُنهن مون کي پنهنجي مهربانين هيٺان دٻائي ڇڏيو پر

اوهان مونکي ڪڏهن به نه سُڃاتو اوهان جنهن سان سڄي زندگي محبت ڪندي رهيس، اهوئي نه سڃاڻي سگهيو.. افسوس...!

منهنجو پُٽ، پنهنجو ٻار مري ويو آهي، هاڻي اهڙو ڪو به نه رهيو آهي، جنهن سان محبت ڪريان ها، هن دُنيا ۾ منهنجو ڪير بچيو آهي ته اهي اوهان آهيو. پر اوهين مون لاءِ ڇا آهيو؟ اوهان جنهن مون کي ڪڏهن به ڪونه سُڃاتو.. اوهين منهنجي پر مان ايئن لنگهي ويا، جيئن ڪنهن جهرڻي وٽان گُذري ويندا آهيو. اوهين مون کي ايئن لتاڙي اڇيان وڌي ويا، جيئن پٿر کي لتاڙي اڇيان وڌي وڃبو آهي...! اوهان مون کي انتظار ۾ ڇڏي پنهنجي رستي روانا ٿي ويا هئا. اوهان جو پُٽ به اوهان جهڙو نِڪتو. (جنهن کي حاصل ڪري ايئن لڳو هئم ته مون اوهان کي حاصل ڪري ورتو آهي.) هو به رات وچ ۾ مات منيءَ ۾ مون کان وِڇڙي ويو.. چپ چاپ هميشه لاءِ پنهنجي سفر تي روانو ٿي ويو آهي... هُن به مون کي وِساري ڇڏيو ۽ هاڻي هو ڪڏهن به واپس وري نه ايندو! ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي ته مون وٽ اوهان جي ڪا به شئي باقي نه رهي آهي... نه اهو ٻار جيڪو توهان جيان مون کي عزيز هو نه ڪو مون تي لکيل لفظ ۽ نه وري ڪنهن تحرير جي ڪا سِٽ آهي. نه حافظي ۾ نه وري يادن ۾ ڪا جاءِ بچي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهنجو نالو کڻندو ته اِهو اوهان لاءِ اجنبي جو نالو هوندو...اهڙي حالت ۾ آءٌ ڇو نه مرڻ جي خواهش ۾ خوشي ڪريان؟ اوهان لاءِ ته مئل ئي آهيان...! پُڏايو ڇو نه وڃڻ جي خوشي ڪريان؟ جڏهن ته اوهين ئي منهنجي پر مان اُٿي ويا آهيو.

منهنجا محبوب! آءٌ اوهان کي ڪو به الزام نٿي ڏيان... آءٌ ته پنهنجي غم ۾ گُم آهيان... اوهانجي خوشين پري زندگيءَ ۾ ڪو به دخل نٿي ڏيڻ چاهيان... ڀلجو نه... آءٌ وڌيڪ ڪا به تڪليف نه

ڏيندیس... ها بس هِڪڙي خواهش جي پيروي ڪندي پنهنجي دِل اوهان اڳيان کولي رکي اٿم... خبر ناهي ته چاپئي لِکان، پر مون کي معاف ڪري ڇڏجو. هِن مصيبت جي گهڙين ۾ آءٌ چري ٿي وئي آهيان. اوهين مون وٽ ناهيو. منهنجو پُٽ به مري ويو آهي. اُن جو ڏُک اوريندي اوريندي هي سيپ ڪجهه لکي رهي آهيان. اهو ڏک بڏائي پوءِ آءٌ سڏائين لاءِ پوشيدگيءَ ۾ گمناميءَ جي اونداهين ۾ هلي ويندیس، هميشه هميشه لاءِ خاموش ٿي رهندیس، جيئن اڄ کان پهرين چپ رهي آهيان... يقين ڪريو ته هاڻ آءٌ جيستائين به جيئري رهندیس اوهين منهنجي هڪ "آهه" به نه ٻُڌندا... فقط منهنجي موت کانپوءِ اهو "ترڪو" "ورٿو" ملندو. اُن عورت جو ورٿو جنهن اوهان کي سيني چاهيندڙن کان گهڻو پيار ڪيو. ان ڇوڪريءَ جو ورٿو جنهن کي اوهان ڪڏهن به ڪونه سُڃاتو... اُن عورت جو ورٿو جنهن کي اوهان ڪڏهن به نالي سان نه سڏيو... ڄاڻان ٿي جڏهن هيءَ ميراث اوهان کي مِلندي تڏهن مون کي سڏيندا، گهرائيندا، پر آءٌ نه ايندیس ۽ اِهو پهريون پيرو هوندو جو اوهان سان بيوفائي ڪندیس... اهو به رڳو اُن ڪري جو آءٌ موت جي ننڊ سمهي چڪي هوندیس. جتي اوهان جو سڏ به گهٽائي نه سگهندیس. آءٌ پنهنجي ڪا به نشاني نه ڇڏيندیس، نه ڪا تصوير نه ئي وري ٻي ڪا شئي... جيئن اوهان مون وٽ پنهنجي ڪا به نشاني نه ڇڏي آهي... اڳ جيان هاڻ به اوهين مون کي سُڃاڻي نه سگهندا. زندگيءَ ۾ به منهنجي اِها قسمت هئي، مُئي کانپوءِ به منهنجي اِها قسمت آهي... چاهيندي به زندگيءَ جي هنن آخري گهڙين ۾ اوهان کي نه گهرائيندیس، بنا پنهنجو نالو ٻُڌائڻ جي، بنا پنهنجي شڪل صورت جي سُڃاڻپ جي، آءٌ هميشه لاءِ گم ٿي ويندیس، موت به ڪيڏو نه آسان ٿيندو جو اوهان پري هوندا...

ويجهو هوندا تہ اوهان کي منهنجي موت جي ٿوري بہ تکليف ٿي تہ آءٌ ڪڏهن بہ مري نہ سگهنديس...!!!

آءٌ وڏيڪ نٽي لکي سگهان. منهنجو مٿو ڳرو لڳو پيو آهي... منهنجي سيني عضون ۾ سور آهي. مونکي تپ ٿي رهيو آهي... آءٌ ليٽڻ ٿي گهران... سڀ ڪجهہ جلدي ختم ٿي ويندو. تقدير مون تي مهربان ٿيندي ۽ مون کي پنهنجي پُٽ جو جنازو نہ ڏسڻو پوندو!! وڏيڪ لکي نٽي سگهان... الوداع... منهنجا منڍا الوداع...! هاڻ موڪلاڻي آهي... آءٌ اوهان جي ٿورائتي آهيان... ساهہ جي آخري هڏڪيءَ تائين ٿورائتي رهنديس. اڄ آءٌ ڏاڍي خوش آهيان. نيٺ مون سڀ ڪجهہ اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو... ۽ ها اوهين ڪڏهن بہ نہ سمجهي سگهندا تہ مون دِل جي اتاهہ گهرائين سان محبت ڪئي هئي... اهڙي ماڻ محبت جيڪا اوهان تي بار نہ بڻي ۽ نہ وري رهندي آءٌ اوهان سان لاڳاپيل رهنديس. اها ئي مون لاءِ سڪون ڏيندڙ ڳالهہ آهي. آءٌ اهو بہ ڄاڻان ٿي تہ اوهان جي خوش پوش زندگيءَ مان منهنجي وڃڻ سان ڪو بہ فرق نہ پوندو ۽ نہ وري ڪا تبديلي ايندي... ۽ مون لاءِ اهو ڪافي آهي تہ آءٌ اوهان لاءِ تڪليف جو سبب نہ بڻيس. اها ڳالهہ سڪون ڏيندڙ آهي.

منهنجا محبوب! افسوس! هاڻي اوهان کي جنم ڏڻ تي ڪير اڇا گُل اُماڻيندي؟ گُلدان خالي رهندو. منهنجي زندگيءَ جا اها سُرهاڻ، سُڳنڌ جيڪا هر سال اوهان جي ڪمري ۾ ٿوڪيندي هيس... هاڻ اها سُرهاڻ ڪونہ رهندي.. افسوس... صد افسوس...!!!

منهنجي هِڪڙي آخري خواهش آهي. پهرين ۽ آخري خواهش، ضرور پوري ڪجو... هر سال پنهنجي سالگرهہ واري ڏينهن (ان ڏينهن جڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجو خيال ايندو آهي) گلاب جا گُل وٺي گُلدان ۾

وجهي ڇڏجو... اهو اهڙي نموني ڪجو جيئن ماڻهو ڪنهن جي ورسيءَ تي ڪندا آهن... سنهنجو ڪنهن تي به يقين نه رهيو آهي. اُن ڪري آءٌ پنهنجي ورسيءَ تي ڪا فاتح يا دُعا نٿي گهرڻ چاهيان... مون کي صرف اوهان تي يقين آهي... سواءِ اوهان جي ٻيو ڪنهن سان محبت به ته نه هئم... اُن ڪري فقط اوهان ۾ زنده رهڻ ٿي گهران... انهيءَ ناتي سال ۾ فقط هِڪ ڏينهن خاموشيءَ ۽ سڪون سان گُل رکجو جيئن آءٌ سڄي عمر اوهان جي ويجهو رهيس... مهرباني ڪري ايئن ضرور ڪجو. منهنجي پهرين ۽ آخري خواهش پوري ڪجو.. ٿورا... اوهان جا لک لک ٿورا... مون کي اوهان سان ئي محبت هئي...فقط اوهان سان ئي محبت آهي.


الوداع... الوداع... موڪلاڻي...!"

هُن (ليکڪ) جي ڏکندڙ هٿن مان پنا ڪِري پيا... هو ڪيتري دير سوچ جي سمنڊ ۾ لهي ويو هو...! هن جي ذهن جي ڊسڪ تي هِڪ اڌوري اڻپوري ۽ ڌُنڌلي ياد تازي ٿيڻ لڳي. پاڙيسرين جي هِڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ جي ياد...! ناڇ گهر ۾ مِليل هڪ عورت جي ياد... تيز وهندڙ جهرڻي ۾ سنگ مرمر جي لڪيل شڪل جهڙي ياد... وِکريل ڌنڌلي ۽ پريشان ياد... هُن جي ذهن ۾ هڪ ئي وقت ڪيترائي پاڇولا ڊوڙڻ لڳا، پر ڪا به تصوير مڪمل نه ٿي سگهي...! دُنيا جي خفن ۾ وساريل ياد، گهٽو سوچڻ باوجود به ياد نه اچي سگهي. هُن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته اُهي سڀ ڳالهيون خواب ۾ ٿيون آهن. ۽ بار بار ٿيون آهن. هِن لکڻ واري ميز تي رکيل گُلدان کي ڏِٺو جيڪو خالي هو... سالن کان سندس سالگرهه تي اهو خالي رهندو آهي... هو چرکي ويو. محسوس ڪيائين ته ڪنهن غيبي طاقت جي زور تي دروازو کُلي ويو آهي. اهڙو دروازو جنهن مان پي دُنيا جي ڏکڻي ڏيندڙ تڏي هوا هُن جي محفوظ ڪمري ۾ اچي رهي آهي. هُن موت جي آمد کي


محسوس ڪيو ۽ محبت جو هِڪ لافاني جذبو پڻ... هُن جي دِل ئي دِل ۾ ڪجھ ٻڌڻ ڪي رهيو هو ۽ اُن مرحوم جي خيالن ۾ گم ٿي ويو هو ۽ دور ڪٿان موسيقيءَ ٻُڌڻ ۾ پي آئي:

بي خبر ناهي، پر مرڻ ڪانپوءِ،
توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.





اسٽيفن زويگ 28 نومبر 1881ع ۾ ويانا ۾ هڪ خوشحال ڪٽنب ۾ جنم ورتو جيڪو ان وقت جرمني جو حصو هو. جڏهن جرمني ۾ هٽلر جو اُپار ٿيو ۽ نازي پارٽي اقتدار ۾ آئي ۽ انهن جي اشعال انگيزي وڌي ۽ اظهار جي آزادي تي پابنديون وڌيون ويون ۽ ڪتاب ساڙيا ويا تہ هو جرمني چڏي اچي برازيل ۾ رهيو. اسٽيفن زويگ هڪ خوشحال ۽ امن پري دنيا ڏسڻ ٿي گهري، پر هي جنگ عظيم جي شروعات ۽ تباهه ڪارين سندس خوابن کي ٽوڙي چڏيو. جنهن ڪيس سخت مايوس ۽ ڏکارو ڪيو حالتن کان مايوس ٿي هن 23 فيبروري 1942ع ۾ پنهنجي زال شارلوٽ زويگ سميت برازيل ۾ خود ڪشي ڪري چڏي. اسٽيفن زويگ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان سندس هڪ ڪتاب The Right of Herecy جو سنڌي ترجمو "فڪر جي آزادي" جي نالي سان ترجمو ٿي ڇپيو آهي، سندس آتم ڪهاڻي World of yesterday جي نالي سان ڇپيل آهي، جيڪا پڑهڻ کانپوءِ محمد ابراهيم جويي "فڪر جي آزادي" جي مترجم نوٽ ۾ لکيو. "سچ پچ تہ انسانذات کهڙا نہ عجيب ۽ عظيم ماڻهو ٿي پيدا ڪري ۽ هو زندگي ۾ چاچا نہ ٿا سهن..." سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. هي ڪتاب "موڪلاڻي" سندس هڪ طويل ڪهاڻيءَ جو ترجمو آهي.



اصغر گُگو 15 جولاءِ 1978ع تي ضلعي سڄاول جي ننڍڙي ڳوٺ لال محمد گُگي ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي ڪيائين. اصغر بُنيادي طرح ڪهاڻيڪار آهي. هن ڪيترائي ڊراما بہ لِکيا آهن. سندس ڊراما مختلف سنڌي چينلن تان ٽيليڪاسٽ ٿي چُڪا آهن. اصغر ڪيترائي سال صحافت ۾ گُذاريا آهن.

اصغر جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "آڳريون هُن جو نالو اُٽين ٿيون" 2019ع ۾ ڇپجي چُڪو آهي. سندس ترجمو ٿيل ڪهاڻين جو ڪِتاب. "تون سمجهي نہ سگهندين" جي نالي سان پڻ شايع ٿيل آهي. ان کانسواءِ پنجن ڪهاڻيڪارن جي مجموعي "حياتي جي قاتل ورقن جون ڪٿائون" جو پنجون ڪهاڻيڪار اصغر گگو آهي.

اصغر بہ ناول بہ ترجمو ڪيا آهن. جنهن مان هِڪ هي ناوليٽ "موڪلاڻي" جڳ مشهور ناوليٽ "Letter from an unknown woman" جو ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي. اصغر جي ساروٽين تي مشتمل ڪِتاب پُڻ تيار آهي، جيڪو پُڻ جلدي شايع ٿيندو.

Sindhjunejo